ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 31 جولاءِ 2026ع 16 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وييهه شمارو (345)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Friday 31st July 2026

هنگو چيڪ پوسٽ تي حملي ۾ ڊي ايس پي سميت 9 اهلڪار شهيد، 28 زخمي، تربت مان اغوا 6 پورهيت قتل

فتنه الخوارج جي دهشتگردن گذريل رات پوليس چوڪي تي ان وقت حملو ڪيو جڏهن پوليس اهلڪار اتي مقرر ڪيا ويا. پوليس حملي خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي وي

فوري طور تي علائقي ۾ امدادي جٿا روانا ڪيا. دهشتگردن پوليس جٿي تي لڪي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پوليس جي هڪ گاڏي کي نقصان پهتو

نقصان باوجود پوليس اهلڪارن بهادري ۽ پيشورانه صلاحيتن سان دهشتگردن سان مقابلو جاري رکيو. جوابي ڪاروائي ۾ پوليس 15 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ۽ ڪيترائي دهشتگرد زخمي پڻ ٿيا

بلوچستان جي علائقي ڪيچ لڳ ناصر آباد ۾ غير مقامي مزدور هڪ ڀيرو ٻيهر فتنه الهندستان جي وحشت جو شڪار ٿي ويا. تربت مان اغوا 6 غير مقامي مزدور بيدرديءَ سان شهيد ڪيا ويا

شهيد مزدورن ۾ محمد ارشد، محمد تيمور، محمد پرويز، محمد وزير، محمد امجد ۽ محمد يحيٰ شامل آهن. شهيد ٿيل مزدورن ۾ 4 جو تعلق پنجاب ۽ 2 جو ڪي پي ڪي سان هو

دهشتگردن مزدورن کي بيرحميءَ سان نشانو بڻائي نه صرف معصوم جانيون ڦريون پر بلوچستان جي ترقي ۽ عوام جي روزگار تي به حملو ڪيو. دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رهندو: سيڪيورٽي عملدار

پشاور/ڪوئيٽا (اي پي پي) هنگو ضلعي جي خزينه بانده چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي حملي ۾ ڊي ايس پي سميت 9 اهلڪار شهيد ۽ 28 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن خيبرپختونخواهه جي آءِ جي پوليس ذوالفقار حميد موجب فتنه الخوارج جي دهشتگردن گذريل رات پوليس چوڪي تي ان وقت حملو ڪيو جڏهن پوليس اهلڪار اتي مقرر ڪيا ويا هئا. آءِ جي پوليس پاران جاري ڪيل بيان موجب پوليس حملي خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي ۽ فوري طور تي علائقي ۾ امدادي جٿا روانا ڪيا. جڏهن ته دهشتگردن پوليس جٿي تي لڪي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پوليس جي هڪ گاڏي کي نقصان پهتو جڏهن ته نقصان باوجود پوليس

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پاهرئين ملڪ رهندڙ پاڪستاني ملڪ جو قيمتي اثاثو آهن: وزيراعظم

انهن کي هر قسم جي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي: شهباز شريف

پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين جي شڪايتن جي داخلا جي ڊيجيٽائيزيشن جي حوالي سان آگاهي پيدا ڪئي وڃي

ڪيو آر ڪوڊ ذريعي شڪايتن جي داخلا بابت پاهرئين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي لاءِ خصوصي آگاهي مهم هلائي وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاهرئين ملڪ رهندڙ پاڪستانين کي ملڪ جو قيمتي اثاثو قرار ڏيندي چيو آهي ته انهن کي هر قسم جي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي. ڪيو آر ڪوڊ جي ذريعي پاهرئين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناريون پاڪستان ۽ ڪوريا جي وچ ۾ مئچ ڏسي رهيون آهن

پيٽرول هڪ رپيو 9 پيسا، ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 2.42 رپيا في ليٽر واڌ

تازي واڌ کان پوءِ پيٽرول جي في ليٽر قيمت 336.15 رپيا في ليٽر تائين پهچي وئي

هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت 393.4 رپيا في ليٽر تائين پهچي وئي، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (م ر ڊ) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي 31 جولاءِ لاءِ اوگرا پيٽرول جي قيمت ۾ 1.9 رپيا في ليٽر ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 2.42 رپيا في ليٽر واڌ ڪئي آهي نوٽيفڪيشن موجب،

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

آمريڪا - ايران ڳالهه ٻولهه جاري، اسلام آباد مفاهمتي يادداشت امن لاءِ بدستور بنيادي فريم ورڪ آهي: پاڪستان

موجوده چڪتاڻ واري ماحول ۾ پاڪستان ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪري ٿو ته ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد قابل عمل رستو آهي

موجوده چڪتاڻ واري ماحول ۾ پاڪستان ان ڳالهه جو ورجاءُ ڪري ٿو ته ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد قابل عمل رستو آهي

اسان پنهنجي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ڌرين کي ٻيهر اسلام آباد مفاهمتي يادداشت طرف آندو وڃي: پرڏيهي آفيس جو ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان چيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جاري آهي، اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ۽ تڪرار خطي ۾ چڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان – قطر گڏيل پائيدار امن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ڪشميري عوام جي حق خودارادي جي منصفاڻي جدوجهد سان گڏ آهي: چيف سيڪريٽري

سنڌ جا سڀئي ڪاتا ۽ ضلعي انتظاميا يوم استحصال ڪشمير بابت اثرائتا انتظام يقيني بڻائين

صوبي جي سمورن ڊويزنن ۽ ضلعن ۾ ڪشميري عوام سان يڪجهتي لاءِ ريليون ڪڍيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ 6 مزدورن جي بي رحمانه قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ 6 مزدورن جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي سمورن سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ چنڇر جي موڪل ختم، نوٽيفڪيشن جاري

سياڻي کان سمورن تعليمي ادارن ۾ سومر کان چنڇر تائين باقاعده ڪلاسون لڳنديون

صوبائي تعليم کاتي اسڪولن جي نئين شيڊول جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پهرين آگسٽ کان صوبي جي سمورن سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن کي هفتي ۾ 6 ڏينهن کليل رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم کاتي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

لاهور: عمارت جي ڇت ڪرڻ بعد ريسڪيو ڪارڪن امدادي سرگرمين ڪري رهيا آهن ٻئي پاسي زخمي ٻارڙي کي کڻي پيو وڃي

سپريم ڪورٽ جي نئين فڪسيشن پاليسيءَ تحت 8062 ڪيس مقرر، 6216 اُڪلايا ويا

موت جي سزا ۽ گرفتاريءَ کان اڳ واري ۽ گرفتاريءَ کان پوءِ واري ضمانت جي ڪيٽيگريز ۾ 2025ع تائين سمورن ڪيسن جو فيصلو ڪيو ويو: چيف جسٽس

سمورين التوا هيٺ ڪيسن جي اسڪيننگ، بار ڪوڊنگ، او سي آر ذريعي ڊجيٽلائزيشن ۽ موضوعاتي ڪيٽيگرائزيشن جو عمل مڪمل ڪيو ويو

جنوري کان 30 جولاءِ 2026ع تائين جلد ٻڌڻي (ارلي هيئرنگ) جون 1284 درخواستون مليون، جن مان 619 منظور ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ۾ 21 اپريل 2026ع کان لاڳو ٿيل فڪسيشن پاليسيءَ تحت 29 جولاءِ تائين مجموعي طور 8062 ڪيس ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا، جن مان 6216 ڪيس اُڪلايا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڏوهن ۾ نمايان گهٽتائي آئي، جديد پوليسنگ سان امن وڌيڪ مضبوط بڻائينداسين: آءِ جي سنڌ

گذريل ڇهن مهينن دوران اسٽريٽ ڪرائم ۾ 13 سيڪڙو ۽ قتل جي وارداتن ۾ 17 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي

آپريشن "نجات مهراڻ" دوران 50 کان وڌيڪ ڌاڙيل مارجي ويا، سوين زخمي ۽ 570 ڌاڙيل هٿيار ڦٽا ڪري گرفتاري پيش ڪئي

حيدرآباد ۾ سيف سٽي پروجيڪٽ تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي، جديد ڪئميرائن ۽ ڪميونٽي پوليسنگ کي هٿي ڏني ويندي

حيدرآباد صحافين جنيد خانزادي، اشوڪ شرما، لالا رحمان سمون، آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ گلن جا تحفا پيش ڪيا

حيدرآباد (رپورٽ، اعجاز لغاري) آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته سنڌ پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ جديد پوليسنگ ماڊل تي ڪم ڪري رهي آهي، مختلف شهرن ۾ سيف سٽي ۽ ڪميونٽي پوليسنگ منصوبن کي هٿي ڏني پئي وڃي حيدرآباد ۾ به نگراني نظام

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

آءِ جي سنڌ جي سنڌ پوليس جي 406 ريڪروٽن جي پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ شرڪت

حيدرآباد: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو حيدرآباد ۾ شهيد عبدالعزيز بلو ريڪروٽمينٽ ٽريننگ سينٽر ۾ منعقد ٿيل پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ شرڪت

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ نوان صوبا ٺاهيا وڃن، اهي اٽل آهن، فيلڊ مارشل چئي چڪو آهي ته جمهوري نظام ڊيل ريل ٿيڻ نه ڏينداسين: محسن نقوي

پاڪستان جو موجوده نظام نه ٿو هلي، هڪ اهڙي شيءِ جنهن کي 70 سالن کان گهيلو پيو وڃي، سمجهڻ پوندو ته جيڪڏهن ڪا شيءِ 70 سالن کان نه ٿي هلي سگهي ته ان جي پويان ڪو نه ڪو بنيادي سبب موجود آهي

جيڪڏهن اهوئي نظام هلندو رهيو ته اسين 10 سالن کان پوءِ به ويهي اهي ئي ڳالهيون ڪندا رهنداسين، جو ته جيستائين هن ملڪ جي بنياد کي درست نه ڪيو ويندو حالتون اهڙيون ئي رهنديون

جنهن سسٽم ۾ اسين رهي رهيا آهيون اهو مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي ۽ اهو نظام ناڪارا ٿي چڪو آهي، تنهنڪري جيستائين ان کي "ري سيٽ" نه ڪيو ويندو بهتري ممڪن ناهي

اسان کي اڳتي وڌڻو آهي، فيلڊ مارشل ڏينهن رات جاڳي ملڪ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، وزيراعظم 12 کان 14 ڪلاڪ ڪم ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن هو 18 ڪلاڪ به ڪم ڪري ته هو رڳو "فائر فائٽنگ" ئي ڪندو

فيلڊ مارشل جا آمريڪا سان لاڳاپا پلي ڪيترا به بهتر ٿي وڃن، جيڪڏهن اسان جو نظام درست نه هوندو ته ڪو فائدو نه ٿيندو، هن چيو ته فيلڊ مارشل بار بار چئي چڪو آهي ته جمهوريت کي ڊي ريل ٿيڻ نه ڏيندو

ڪو به گهرو اهڙو ناهي جيڪو مهيني جي شروعات تي لکين رپين جو مقروض هجي ۽ اهڙي طرح هلايو وڃي، پر اسان پنهنجو بجيٽ منفي بنيادن تي ناهيون ٿا، وزيراعظم آفيس ۾ هڪ فائيل به وقت تي مڪمل نه ٿي سگهي

نظام جي بهتري ڪانسواءِ هلڻي ڪنٽرول ممڪن ناهي ۽ هن وقت هر سياسي پارٽي رڳو پنهنجن مفادن بابت سوچي رهي آهي، ڪشمير جي معاملي کي اتي جي حڪومت ڏسي رهي آهي: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اسلام آباد ۾ پاڪستان جي پهرين اڪنامڪ سمٽ کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جو موجوده نظام نه ٿو هلي هڪ اهڙي شيءِ جنهن کي 70 سالن کان گهيلو پيو وڃي، سمجهڻو پوندو ته جيڪڏهن ڪا شيءِ 70 سالن کان نه ٿي هلي سگهي ته ان جي پويان ڪو نه ڪو بنيادي سبب موجود آهي هن چيو ته

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سکر: سکر بئراج ۾ پاڻي وڌڻ بعد ڊائون اسٽريم ۾ وهڪرو ڇڏيو ويو آهي

گڊو ۽ سکر بئراج سان ڳنڍيل ڪينالن جا ڪيترائي علائقا پاڻي هيٺ اچي ويا

24 ڪلاڪن دوران گڊو تي پاڻي جي آمد ۾ 40,000 ڪيوسڪ جو اضافو ٿيو آهي: آبپاشي

بئراج سان ڳنڍيل ڪچي علائقي جا ڪيترائي علائقا ٻوڏ جي پاڻي کان متاثر ٿيا آهن

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌو درياءَ ۾ پاڻي جي سطح ۾ مسلسل واڌ جي ڪري گڊو بئراج تي ٻوڏ جي صورتحال معتدل آهي جڏهن ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري سان وفاقي گهرو وزير جي ملاقات، سياسي صورتحال تي ڳالهيون

ملڪ جي مجموعي امن امان جي صورتحال، خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جي سيڪيورٽي صورتحال تي به ڳالهيون

دهشتگردي جي خلاف پاڪستاني فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ پوليس جي بهادري، پيشيورانه صلاحيتن ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) صدر آصف علي زرداري سان وفاقي گهرو وزير سيد محسن نقوي هتي ملاقات ڪئي جنهن ۾ ملڪ جي مجموعي امن امان جي صورتحال خاص طور تي خيبر پختونخوا ۽

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڊيجيٽل گورننس ۽ ٽيڪنالاجي واري هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهي آهي: وڏو وزير

اين ٽي سي سان اعليٰ سطحي اجلاس ۾ صوبي هڪ جديد صوبائي ڊيٽا سينٽر قائم ڪرڻ جي منصوبن تي غور

هي سينٽر حڪومتي ڪاتن لاءِ محفوظ اسٽوريج، ڪلائوڊ تي ٻڌل خدمتون، ۽ بزنس ڪنٽينيوٽي حل فراهم

ڊيجيٽل گورننس سان صحت، تعليم، ۽ آن لائين عوامي خدمتن تائين پهچ ۾ بهتري ايندي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نيشنل ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪارپوريشن سان هڪ اعليٰ سطحي اجلاس ۾ سنڌ ۾ هڪ جديد صوبائي ڊيٽا سينٽر قائم ڪرڻ جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مينگو ڊپلوميسي فيسٽيول منعقد، خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري ۽ ٻين جي شرڪت

مينگو ڊپلوميسي فيسٽيول ڪراچي جي سفارتي ڪيلينڊر جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي: مراد علي شاهه

سنڌ جي زرخيز زمين صدين کان تهذيبن کي برقرار رکندي عالمي معيار جون زرعي شيون پيدا ڪيون آهن

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان جي خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري هڪ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ مينگو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري مينگو ڊپلوميسي فيسٽيول جو افتتاح ڪري رهي آهي ٻئي طرف هو اسٽالن جو معائنو ڪندي

ڪراچي مختلف واقعن ۽ فائرنگ ۾ 2 معصوم ٻارڙن ۽ عورت سميت 9 ڄڻا مارجي ويا

لياقت آباد ايف سي ايريا ويجهو فائرنگ جي نتيجي فروهه ڏي محمد رحمان قتل ٿي وئي

گلستان ۾ گهر مان 45 سالن جي مختيار جو لاش مليو، ڪالوني ۾ نوجوان زبير پٽ عبدل قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن، واقعن ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 معصوم ٻارڙن ۽

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

احسن اقبال جو هڪ ملين يوٿ ڊولپمينٽ ايڊووڪيٽس تيار ڪرڻ جو اعلان

پاليسين جو تسلسل قومي ترقيءَ جي چاٻيءَ کي قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال جو هڪ ملين يوٿ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

يوڪرين تي روس جي ميزائل ۽ ڊرون حملن ۾ ٻن ٻارن سميت 7 ڄڻا مارجي ويا

يوڪرين جي فوج ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڪيترن ئي ميزائل حملن جو اطلاع ڏنو

ڪيف (اي پي پي) يوڪرين تي روس جي ميزائل ۽ ڊرون حملن ۾ ٻن ٻارن سميت 7 ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪ بحريه جو ڪامياب آپريشن اتر عربي سمنڊ ۾ ڦاٿل 19 ملاحن کي بچايو ويو

پي اين ايس ٽيمور اتر عربي سمنڊ ۾ ڦاٿل ماهيگير ٻيڙي کي بچائڻ لاءِ ڪامياب ريسڪيو آپريشن

راولپنڊي (اي پي پي) پاڪ بحريه ڪامياب آپريشن دوران اتر عربي سمنڊ ۾ ڦاٿل 19 ملاحن کي بچايو ويو تفصيل مطابق پاڪ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2



لاهور: جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم الرحمان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

حڪمرانن آزاد ڪشمير ۾ نفرتن جا ٻج پوکڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن: حافظ نعيم الرحمان

7 آگسٽ سياسي مزاحمت جو تاريخي ڏينهن هوندو، ڪراچي کان خيبر تائين ملڪ جام هوندو

فارم 47 جي پيداوار حڪمرانن جا راز پاڻ ئي کولي رهيا آهن: پريس ڪانفرنس

لاهور (م ر ڊ) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان پيٽروليم ليوي، حڪومت جي ظالماڻي معاشي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ لاڳو ٿيل قلم 144 وڌيڪ هڪ مهيني جي واڌ، نوٽيفڪيشن جاري

حضرت امام حسينؑ جي چهلم جي موقعي تي اهي پابنديون لاڳو رهنديون

صوبي ۾ وال چاڪنگ، احتجاج، مظاهرن، ڌرڻن ۽ ريلين تي پابندي برقرار رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي هدايت تي صوبي ۾ قلم 144 جي نفاذ ۾ وڌيڪ هڪ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران 11 زخمي جوابدارن سميت 13 ڦورو گرفتار

سرجاني ٽائون، سعيد آباد، سچل، بلال ڪالوني، مدينه ڪالوني، زمان ٽائون، ڊيفنس ۽ لانڍي ۾ مقابلا ٿيا

گرفتار ڪيل جوابدارن جي قبضي مان موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽر سائيڪلون هٿ آيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ مبينا مقابلن دوران 11 زخمي جوابدارن سميت 13 ڦورو گرفتار ڪراچي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي منصوبن ۾ بي ضابطگين جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي: ايم ڪيو ايم اڳواڻ

سنڌ اسيمبلي ۾ ڊپٽي پارلياماني ليڊر طحٰ احمد خان وڏي وزير کي خط لکي ڇڏيو

اربين رپيا مختص ٿيڻ باوجود شهر جا روڊ ۽ نيڪال جو نظام تباهه حال آهي: موقف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ۾ ڊپٽي پارلياماني ليڊر طحٰ احمد خان وڏي وزير

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت واپاري برادري لاءِ خصوصي ترقياتي پيڪيج فراهم ڪيو آهي: مرتضيٰ وهاب

سٽي ميئر سائٽ انڊسٽريل ايريا ۾ 2 ارب رپين جي ترقياتي منصوبن جو سنگ بنياد رکي ڇڏيو

واپاري برادري کي بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب سائٽ انڊسٽريل ايريا ۾ 2 ارب رپين جي لاڳت سان انفراسٽرڪچر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير ۾ شفاف چونڊن لاءِ انٽرنيٽ ۽ مواصلاتي سهولتون بحال ڪيون وڃن: عاجز ڌامراهه

پ پ پ وٽ چونڊ عمل ۾ مبينا مداخلت جون شاهديون موجود آهن، شفاف جاچ جو مطالبو

انٽرنيٽ بندش سان چونڊ عمل، شاگردن، واپارين ۽ عام شهرين جو ڪاروهنوار متاثر ٿيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سکر: قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ڪارسان هٿ ڪيل هٿيار

هلندڙ سال رڳو بجلي بلن جي ٽيڪس ذريعي 476 ارب روپيا اوڳاڙڻ جو انڪشاف

مالي سال 26-2025 دوران بجلي جي بلن تي ٽيڪسن جي مد ۾ 476 ارب رپين کان وڌيڪ رقم وصول ڪئي وئي

رقم مان 351 ارب رپيا سيلز ٽيڪس ۽ 124 ارب رپيا انڪم ٽيڪس طور اوڳاڙيا ويا، 16 ارب 50 ڪروڙ رپيا پرچون گهر

اسٽيٽ بئنڪ سڀني بئنڪن کي واضح هدايتون جاري ڪري چڪي آهي ته ڪنهن به عورت کي برقو پائڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽ جي ناڻي واري قائم ڪاميٽي جي اجلاس دوران ايف بي آر عملدارن ٻڌايو ته مالي سال 26-2025 دوران بجلي جي بلن تي ٽيڪسن جي مد ۾ 476 ارب رپين کان وڌيڪ رقم وصول ڪئي وئي ايف بي آر موجب، ان رقم مان 351 ارب رپيا سيلز ٽيڪس ۽ 124 ارب رپيا انڪم ٽيڪس طور اوڳاڙيا ويا. عملدارن ٻڌايو ته مالي سال 25-2024 دوران 562 ارب رپيا، مالي سال 24-2023 ۾ 515 ارب رپيا ۽ مالي سال

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڀٽائي جي 283 هين عرس مبارڪ جون ٽئي ڏينهن جون تقريبون جاري، اڄ وڏي وزير مراد علي شاهه جي شرڪت

سنڌ جي اسپورٽس ۽ يوٿ افيئرس کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر صحافين ۾ شيلڊ ايوارڊ تقسيم ڪيا

راڳ راهاڻ، ادبي ڪانفرنس، ملاکڙو ۽ ثقافتي ڳوٺ سميت رنگا رنگ تقريبن ۾ هزارين زائرين جي شرڪت

ڀٽ شاهه ۾ ميلي سبب دڪانن ۽ اسٽالن تي رش، عقيدتمند مزار تي حاضريون ڏئي دعائون گهرن

ڀٽ شاهه (رپورٽ: مستقيم سمون) حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 283 هين عرس مبارڪ جون ٽئي ڏينهن جون تقريبون جاري، اڄ عرس جي ٽئين ڏينهن وزير اعلا سنڌ ڀٽ شاهه پهچي ڀٽائي جي مزار تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهه: لاڪيٽي لطيف جي عرس جي موقعي تي گهوڙن جي ڊوڙ ملاکڙي ۽ ثقافتي سرگرمين جا منظر

ڀٽ شاهه ۾ لطيف ادبي ڪانفرنس، ڀٽائي جي فڪر ۽ ڪلام تي وڌيڪ تحقيق تي زور

اديبن، دانشورن ۽ تاريخدانن جي شرڪت، شاهه لطيفؒ جي فڪر کي نئين نسل تائين پهچائڻ تي ڳالهيون

مدد علي سنڌي، تاج جويو ۽ ڊاڪٽر مخمور بخاري پاران ڀٽائي جي شاعري ۽ فڪر تي جديد تحقيق جو مطالبو

ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي عرس مبارڪ جون ٽئي ڏينهن واريون تقريبون ڀٽ شاهه ۾ جاري آهن ثقافت کاتي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

شاهه لطيفؒ جو فڪر امن، محبت ۽ انسانيت جو آفاقي پيغام آهي: ذوالفقار علي شاهه

نوجوان نسل کي شاهه لطيفؒ جي شاعري ۽ فلسفي سان روشناس ڪرائڻ تي زور

سنڌ هميشه امن، رواداري ۽ محبت جو درس ڏنو، نفرت جي واٽ اختيار نه ڪئي

ڀٽ شاهه: سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه چيو آهي ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

شاهه جي باغ ۾ قائم ڪيل سنڌي ثقافتي ڳوٺ ۾ سنڌ جي تاريخي حيثيت رکندڙ شين جا اسٽال لڳايا ويا

ڀٽ شاهه: شاهه جي باغ ۾ قائم ڪيل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهه ۾ عرس ڀٽائي دوران ملاکڙي جا مقابلا، سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي ناميارن پهلوانن زور آزمائي ڪئي

ڀٽ شاهه: حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهه جي صحافتي خدمتن عبرت جي رپورٽر محمد مستقيم سمون کي شيلڊ پيش

ڀٽ شاهه: سنڌ جي اسپورٽس ۽ يوٿ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڀٽ شاهه: عبرت عيوضي مستقيم وڪيل سمون کي ايوارڊ ڏنو پيو وڃي



ڀٽ شاهه: ڀٽائي ادبي ڪانفرنس ۾ ڪتاب جو مهورت ڪيو پيو وڃي

عرس ڀٽائي جي تاريخي راڳ راهاڻ صوفي سرن ۽ سازن سان پنڊال روحاني رنگ ۾ رڱجي ويو

صوبائي وزير سعيد غني ۽ ذوالفقار علي شاهه جي شرڪت، ناميارن فنڪارن شاهه جا ڪلام پيش ڪيا

راڳ راهاڻ ۾ لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ صوفي موسيقي جا رنگ، هزارين زائرين وجد ۽ سرور ۾ اچي ويا

ڀٽ شاهه: حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي 283 هين سالياني عرس مبارڪ دوران "راڳ راهاڻ" جي شاندار تقريب،

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سکر پوليس ۽ انٽيليجنس ادارن پاران ٻن جوابدارن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

موٽر وي تي انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي حمزه پٺاڻ ۽ عبيدالله پٺاڻ کي گرفتار ڪيو: ايس ايس پي

جوابدارن وٽان 14 ڪلاشنڪوف، 23 ٽي ٽي پسٽول، هڪ شارٽ گن ۽ 15000 کان وڌيڪ گوليون پڻ برآمد ڪيون آهن

اسمگلنگ ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي مستقبل ۾ به بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس ۽ انٽيليجنس ادارن گڏيل آپريشن ۾ موٽر وي تي اندرون سنڌ ۾ ڏوهاري عنصرن کي هٿيار فراهم ڪرڻ جي هڪ وڏي ڪوشش کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آپريشن دوران وڏي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Karachi

بقايا	1	روزاني عبرت

جيڪڏهن اهو ئي نظام هلندو رهيو ته اسين 10 سالن کان پوءِ به ويهي اهي ئي ڳالهيون ڪندا رهنداسين ڇو ته جيستائين هن ملڪ جي بنياد کي درست نه ڪيو ويندو حالتون اهڙيون ئي رهنديون هن واضح ڪيو ته جنهن سسٽم ۾ اسين رهي رهيا آهيون اهو مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي ۽ اهو نظام ناڪارا ٿي چڪو آهي، تنهنڪري جيستائين ان کي "ري سيٽ" نه ڪيو ويندو بهتري ممڪن ناهي سندس چوڻ هو ته هو جمهوريت جا سڀ کان وڏا حامي آهن ۽ رهندا، پر جمهوريت جي اندر پنج کان ڇهه مختلف قسمن جا نظام موجود آهن ۽ اسين هڪ ئي طريقي تي اٽڪيل آهيون ۽ هر حال ۾ ان کي ئي اڳتي وڌائڻ چاهيون ٿا، جڏهن ته هاڻوڪو نظام تباهه ٿي چڪو آهي گهرو وزير چيو ته اسان کي اڳتي وڌڻو آهي پاڪستان کي الله عزت ڏني آهي ۽ فيلڊ مارشل ڏينهن رات جاڳي ملڪ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف 12 کان 14 ڪلاڪ ڪم ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن هو 18 ڪلاڪ به ڪم ڪري ته هو رڳو "فائر فائٽنگ" ئي ڪندو هن چيو ته هتي چيمبرز آف ڪامرس جا نمائندا موجود آهن ۽ جيڪي ماڻهو هتي ويٺا آهن اهي سياسي نظام جو حصو آهن جيڪي چونڊن کان اڳ پنهنجي من پسند سياستدانن کي فنڊنگ ڪن ٿا، هن سوال اٿاريو ته بزنس مين پاڻ سياست ۾ ڇو نه ٿا اچن اوهان فنڊنگ ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهيو پر سياست ۾ اچڻ کي خراب سمجهندا آهيو هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اوهان پنهنجي لاءِ پاڻ بيهو محسن نقوي چيو ته هن نظام ۾ هر شيءِ خراب ناهي، پر اسان عوام کي وقت سر انصاف فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام آهيون نيون عدالتون ٺهڻ باوجود عام ماڻهو اڄ به انصاف جو طلبگار آهي هن چيو ته نوجوانن کي ڪجهه هزار ٽيبلٽس يا وظيفو ڏيڻ سان نظام درست نه ٿو ٿي سگهي، نوجوان رڳو اهو چاهين ٿا ته نظام ٺيڪ ڪيو وڃي ڪين انصاف ملي، ميرٽ قائم ٿئي ۽ جائز طريقي سان روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن، پر اسان نوجوانن لاءِ اهو سڀ ڪجهه نه ٿا ڪريون ۽ انهن جي آواز بڻجڻ اسان سڀني جو فرض آهي هن چيو ته پلي انهن کي نوجوان چيو وڃي يا ڪاڪرچ، هو واضح ڪرڻ چاهين ٿا ته جيڪڏهن اهي ڳالهه ٿي ويا ته هر شيءِ کي اونڌو ڪري سگهن ٿا هن وڌيڪ چيو ته پلي انهن کي ايڊمنسٽريٽو يونٽس چيو وڃي يا صوبا، اسان کي انهي طرف وڃڻو پوندو ڇو ته جيستائين سڀ ڳالهه ويهي فيصلا نه ڪندا، ملڪ اهڙي طرح هلندو رهندو نون انتظامي يونٽن يا صوبن جو معاملو عوام وٽ کڻي وڃڻو پوندو هن مثال ڏيندي چيو ته ڪو به گهر اهڙو ناهي جيڪو مهيني جي شروعات تي لکين رپين جو مقروض هجي ۽ اهڙي طرح هلايو وڃي، پر اسان پنهنجو بجيٽ منفي بنيادن تي ٺاهيون ٿا ۽ هر سال وڌيڪ قرض وٺون ٿا جڏهن ته نظام کي درست نه ٿا ڪريون

بقايا	2	روزاني عبرت

بلوچستان جي سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ موجب، گهرو وزير صدر کي خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان

آفيس (FALO) ڪراچي پاران منظم ڪيو ويو جنهن ۾ سفارتي عملي، قونصل جنرلن، اعزازي قونصلن، سرڪاري آفيسرن، ڪاروباري اڳواڻن ۽ معزز مهمانن کي گڏ ڪيو ويو ته جيئن پاڪستان جي مشهور انب جي قسمن جو جشن ملهايو وڃي ۽ ثقافتي توڙي اقتصادي سفارتڪاري کي هٿي ڏني وڃي تقريب واري هنڌ آمد تي وڏي وزير مراد علي شاهه جو استقبال ڊائريڪٽر جنرل FALO ڪراچي محمد عرفان سومرو ڪيو تقريب جي شروعات قومي ترانڻي سان ٿي جنهن کان پوءِ ڊي جي FALO پاران پليڪار جا لفظ چيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته مينگو ڊپلوميسي فيسٽيول تيزي سان ڪراچي جي سفارتي ڪيلينڊر جو هڪ اهم حصو بڻجي چڪو آهي جيڪو سفارتي برادري، سرڪاري ادارن ۽ ڪاروباري شعبي جي وچ ۾ خيرسگالي کي فروغ ڏئي ٿو ۽ لاڳاپن کي مضبوط ڪري ٿو وڏي وزير خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري جو گرمجوشي سان پليڪار ڪيو ۽ چيو ته سندن موجودگي تقريب کي وڏو وقار بخشيو آهي هن چيو ته پنهنجي ملڪي ۽ پرڏيهي مصروفيتن ذريعي، هن قومي ترقي ۾ عورتن ۽ نوجوانن جي وڌيڪ شموليت جي وڪالت ڪندي پاڪستان جي وقار ۽ عزم سان نمائندگي ڪئي آهي مراد شاهه پرڏيهي معاملن واري وزارت جي سهڪار جو پڻ اعتراف ڪيو ۽ ايڊيشنل فارن سيڪريٽري محمد خالد جماڻي ۽ ڊي جي FALO محمد عرفان سومرو جي اقتصادي ۽ ثقافتي سفارتڪاري کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش کي ساراهيو

بقايا	5	روزاني عبرت

2022-23 ۾ 313 ارب رپيا بجلي جي بلن ذريعي ٽيڪسن جي صورت ۾ گڏ ڪيا ويا هئا. ايف بي آر موجب، گذريل مالي سال دوران ودهولڊنگ ٽيڪس جي مد ۾ صنعتي واهپيدارن کان 66 ارب رپيا، واپاري واهپيدارن کان 52 ارب رپيا، نان فائلر گهريلو واهپيدارن کان 4 ارب 82 ڪروڙ رپيا ۽ انڪم ٽيڪس آرڊيننس جي سيڪشن 235-اي تحت گهريلو واهپيدارن کان هڪ ارب 37 ڪروڙ رپيا وصول ڪيا ويا. عملدارن وڌيڪ ٻڌايو ته سيلز ٽيڪس جي مد ۾ وصول ڪيل 351 ارب رپين مان 269 ارب رپيا عام سيلز ٽيڪس، 55 ارب رپيا اضافي ٽيڪس، 55 ارب رپيا وڌيڪ ٽيڪس، جڏهن ته 16 ارب 50 ڪروڙ رپيا پرچون واپارين کان بجلي جي بلن وسيلي وصول ڪيا ويا

بقايا	6	روزاني عبرت

حاضري ڀري ايوارڊ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ وارو آهي، تفصيل موجب شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي 283 هين عرس جون ٽن ڏينهن واريون تقريبون ڀٽ شاهه ۾ جاري آهن،جڏهن ته اڄ ٽئين ڏينهن واريون تقريبون ڀٽ شاهه ۾ جاري آهن،اڄ صبح جو سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڀٽ شاهه پهچي ڀٽائي جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهرندو

بقايا	7	روزاني عبرت

سنڌي ثقافتي ڳوٺ ۾ سنڌ جي تاريخي حيثيت رکندڙ شيئن جا اسٽال لڳايا ويا آهن جن ۾ جهنڊي جو هنر رلي جو هنر شاهه

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulartory Authority (PPRA) rules.

S#	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
01	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RMD-329417483-2026	AVO AVA GEOSTATISTICAL INVERSION STUDY OF TOOT OILFIELD FOR RESERVOIR CHARACTERIZATION	27.08.2026 AT 1030 Hrs
02	OGDCL-SCM-FA-CB-PANDP-328945634-2026	TRI ETHYLENE GLYCOL (TEG)	02.09.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION NOTICE

BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **15.07.2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

S#	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
01	OGDCL-SERVICES-CB-PEFD-327741873-2026	HIRING OF SERVICES FOR 3LPE COATING OF BARE PIPELINE	10.08.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/ profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.52/05

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

MILITARY LANDS & CANTONMENTS DEPTT.
CANTONMENT BOARD KORANGI CREEK

Tel 021-35090301 Fax 021-35090718, Email:newceo.cbkc@gmail.com

Letter No: CBKC/Plot.No.12/B/1853 — Dated: 8 July, 2026

PUBLIC NOTICE

It is notified for the information of all concerned authorities/departments and general public that 1. **Mr Asad S/o, Irshad 2. Amir Khan S/o Mehar Din** has applied in this office for approval of proposed building plan comprising Ground Floor + 1st Floor to 4th Floor + Stair Tower relating **Plot No. 12, Block "B" Measuring 240 Sq Yds, Residential Cum-Commercial Bhittai Colony, Korangi Creek Karachi.**

2. Following location plan is showing the exact location of the said plot/project :



3. Whosoever has genuine grievances/ sound and reasonable objection in this regard, may submit such objections in writing in the office of the Cantonment Board Korangi Creek within **15-days** of the publication of this notice. After lapse of stipulated period no objection shall be taken into consideration

Cantonment Executive Officer
Korangi Cantt.

PID(K)310/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
آمريڪي سيڙپڪاري: موقعا، شرط ۽ سنڌ جون ذميواريون
صفحو 4

لقمان اسد
آمريڪا- ايران جنگ: ڇا وڃايو، ڇا حاصل ڪيو؟
صفحو 4

'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' آخر ڪيتري ڪامياب رهي؟
عمران يعقوب خان
صفحو 4

مختيار آڏو
اڄوڪو ڏينهن ...... 31 جولاءِ
صفحو 4

ٿري ڪيٽل فارم نبي سر روڊ ۾ مها ڪرپٽ سپرينٽينڊنٽ جي بيهر مقرري، ڏيڍ هفتي ۾ ڇهه ڍور مري ويا

ظالم صفت عملدار پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ سرڪاري زمين تي پوکيل سرڪاري گاهه به وڪرو ڪرڻ ۾ مصروف

سرڪاري گاهه، ڪيڻ، زرعي آلات مشينري وغيره بيگر ۾ ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪرائي تي هلائڻ جو به انڪشاف

تازو ريٽائرڊ لئيل ليبر اٽينڊنٽ فيضو چانڊيو کي سٺي سيڪشن راڻا واهه جو انچارج مقرر ڪيو ويو، بجيٽ ٽين واڻ ٽيڻ لڳي

عمرڪوٽ(ن ع) عمرڪوٽ ضلعي جي تعلقي ڪنڊڙي ۾ قائم ٿري ڪيٽل فارم نبي سر روڊ ۾ ڪرپٽ ترين سپرينٽينڊنٽ جي وري هٿي مقرري سبب ڏيڍ هفتي ۾ ڇهه ڍور بک سبب مري ويا، ظالم صفت عملدار پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ سرڪاري زمين تي پوکيل سرڪاري گاهه به فارم جي مال کي ڏيارڻ بدران سرڪاري گاهه، ڪيڻ، زرعي آلات مشينري وغيره بيگر ۾ ڏيڻ سان گڏ ڪرائي تي هلائڻ جو به انڪشاف ٿيو آهي فارم ۾ موجود ڪيترائي سرڪاري ڍور بک بدحالي سبب هيٺا حال بڻيل هجڻ سبب ڏينهن رات ڪيهون ۽ رڙيون ڪري رهيو آهي جڏهن ته تازو ريٽائرڊ لئيل ليبر اٽينڊنٽ فيضو چانڊيو کي سٺي سيڪشن راڻا واهه جو انچارج مقرر ڪيو ويو سيڪشن انچارج پڙهيل لکيل مقدم جي پوسٽ رکندڙ ملازم مقرر ٿي سگهي ٿو ۾ هٿي قانون جي ابتڙ من پسند ريٽائرڊ ملازمن جون مقرريون ڪري ڪرپشن جا نوان طريقا ايجاد ڪري فارم کي بنهي هٿن کان لٽيو پيو وڃي سنڌ جي سڀ کان وڏي تجرباتي ٿري ڪيٽل فارم نبي سر روڊ جي سڌاري بدران ويتر تباهي جي نظر ڪيو ويو به سال اڳ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ سنڌ پاران هن فارم تي ساڳين ڪرپٽ ترين عملدار نورالدين ميمڻ کي سپرينٽينڊنٽ مقرر ڪيو جنهن دوران هن پاران ريڪارڊ ڪرپشن ڪري فارم کي ويتر تباهه ڪرڻ سان گڏ سرڪاري مال کي گاهه ۽ کاڌ خوراڪ نه ڏيڻ سبب ڪيترائي ڍور مري ويا هئا سنڌس ڪرپشن تي اينٽي ڪرپشن پاران سنڌس خلاف جانچ به هلندڙ آهي جڏهن ته اهڙي ڪرپٽ ترين عملدار کي هڪ ڀيرو بيهر ڪيٽل فارم نبي سر روڊ جو سپرينٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جي چارج سنڀالينديئي ٿي به گابا هڪ ڍڳي ۽ ٽي ڍورن بک بدحالي سبب مري ويو آهن مٿل ڍور کي فارم کان پري اڇلايو ويو آهي معلوم ٿيو آهي ته صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ سنڌ دوستيون نڀائڻ خاطر فارم تي مقرري ڪرائي رهيو آهي هتاز جي سڄاڻ حلقن صدر مملڪت آصف علي زرداري، پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ميڊيم فريال ٽالپر وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ، چيئرمين اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين کان هن جو نوٽس وٺڻ جي اپيل ڪندي چيو ته سڄي سنڌ ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي ۾ ڪو عملدار نه هو جو هن ڪرپٽ ترين عملدار کي وري هٿي مقرر ڪري فارم کي ويتر تباهه ڪيو پيو وڃي ڪو اهل عملدار مقرر ڪري فارم کي تباهه کان بچايو وڃي

عمرڪوٽ:ٿري ڪيٽل فارم نبي سر روڊ ۾ ڪرپٽ سپرينٽينڊنٽ جي بيهر مقرري سبب مري ويل ڍورن جو ڏيک

ٽالپر هائوس ميرآباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي مان ۾ مانجهاندو

مير منصور علي خان ٽالپر، مير فهد علي ٽالپر ۽ مير علي مدد ٽالپر ميزباني جا فرض نڀايا

ضلعي انتظاميا ۽ مقامي اڳواڻن وچ ۾ خوشگوار ماحول ۾ ملاقات ۽ خيرسگالي جو اظهار

عثمان شاهه هڙي (ٽ ر) ٽالپر هائوس اولڊ ميرآباد ضلع ٽنڊوالهيار جي مشهور ممتاز سياسي شخصيت مير منصور علي خان ٽالپر، مير فهد علي ٽالپر، مير علي مدد ٽالپر يوسي چيئرمين ميرآباد پاران ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفي لغاري ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي مان ۾ مانجهاندو جي دعوت رکي وئي نوابزاده مير منصور علي خان ٽالپر طرفان آيل مهمانن جو آدرڀاءُ ڪندي سنڌ جو روايتي تحفو ٽوپي ۽ لنگين جا تحفا پيش ڪيا.

عثمان شاهه هڙي: مير منصور ٽالپر پاران ڏنل آجياڻي ۾ مهمان شريڪ آهن

ڪراچي ۾ "پاڪستان جون تعليمي پاليسيون: مسئلا ۽ چئلينج" جي موضوع تي پينل مذاڪرو

ڪراچي يونيورسٽي جي اسڪالرز فورم جي سهڪار سان مذاڪرو منعقد ڪيو ويو، ناميارن تعليمي ماهرن ۽ اديبن جي شرڪت

معياري، منصفاڻو ۽ پائيدار تعليمي نظام قائم ڪرڻ لاءِ نصاب، استاد ۽ تعليمي انتظاميا ۾ بنيادي سڌارا آڻڻ ضروري آهن: ماهر

تحقيق ۽ تعميري بحث ئي تعليمي ترقي جو بنياد آهن: ڊاڪٽر عبدالرؤف ڪانڌڙو، ڊاڪٽر شگفتا شهزادي ۽ ٻين جو مذاڪري ۾ اظهار

ڪراچي (پ ر) ڪراچي يونيورسٽي جي اسڪالرز فورم جي سهڪار سان ڪراچي يونيورسٽي جي تعليم شعبي جي اڳوڻي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر شگفتا شهزادي صاحبه جي رهائشگاهه تي "پاڪستان جون تعليمي پاليسيون: مسئلا ۽ چئلينج" جي موضوع تي هڪ اهم پينل مذاڪري جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ملڪ جي ناميارن تعليمي ماهرن محققن ۽ اديبن شرڪت ڪئي هن علمي مذاڪري ۾ ڊاڪٽر شگفتا شهزادي، ڊاڪٽر ذوالفقار ٻهڻ، ڊاڪٽر انتظار حسين، ڊاڪٽر غياث الدين ۽ ناميارو ليکڪ ڊاڪٽر عبدالرؤف ڪانڌڙو شرڪت ڪئي مقررن پاڪستان جي موجوده تعليمي پاليسين نصاب جي سڌارن استادن جي پيشه ورانه تربيت، تعليم جي معيار مادري ٻولين جي اهميت تحقيق تي ٻڌل پاليسي سازي ۽ جديد تعليمي طريقن بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا هنن زور ڏنو ته ملڪ ۾ معياري، منصفاڻو ۽ پائيدار تعليمي نظام قائم ڪرڻ لاءِ نصاب، استاد ۽ تعليمي انتظاميا ۾ بنيادي سڌارا آڻڻ ضروري آهن ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالرؤف ڪانڌڙو پنهنجي انگريزي ڪتاب "ايجوڪيشن پاليسز آن پاڪستان: اشوز اينڊ چئلينجز ان اپليمينٽيشن" بابت پڻ روشني وڌي ۽ چيو ته تحقيق ۽ تعميري بحث ئي تعليمي ترقي جو بنياد آهن شرڪت ڪندڙن ڪتاب کي علمي دنيا لاءِ هڪ اهم اضافو قرار ڏنو پروگرام جي آخر ۾ سوال ۽ جواب جي نشست ٿي جنهن دوران شرڪت ڪندڙن تعليمي سڌارن بابت قيمتي تجويزون پيش ڪيون ماهرن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته پاڪستان ۾ معياري جديد ۽ سڀني لاءِ هڪجهڙن موقعن واري تعليمي نظام جي قيام لاءِ گڏيل ڪوششن تحقيق ۽ مسلسل علمي گفتگو جي ضرورت آهي

ڪراچي: مذاڪري ۾ ڊاڪٽر شگفتا شهزادي، ڊاڪٽر عبدالرؤف ڪانڌڙو، ڊاڪٽر ذوالفقار ٻهڻ، ڊاڪٽر انتظار حسين ۽ ڊاڪٽر غياث الدين شريڪ آهن

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ دوستي جو ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ خميس ڏينهن 30 جولاءِ تي دوستيءَ جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو هن ڏينهن جي ملهائڻ جو مقصد دوستيءَ جي رشتن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي گڏيل قومن جي اداري موجب دوستي مختلف قومن ثقافتن ۽ ماڻهن وچ ۾ ويجهڙائپ، پائيچاري ۽ گڏيل هم آهنگي کي هٿي ڏيئي آهي دوستيءَ جي عالمي ڏهاڙي کي باقاعده طور ملهائڻ جي شروعات 1958ع ۾ پيراگوئي کان ٿي جنهن کان پوءِ هن ڏهاڙي کي عالمي سطح تي وڏي پذيرائي ملي 27 اپريل 2011ع تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي هر سال 30 جولاءِ کي دوستيءَ جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو فيصلو ڪيو دوستي انساني رشتن مان سڀ کان وڌيڪ قيمتي رشتن مان هڪ آهي ۽ دنيا جي هر مذهب تهذيب ۽ ثقافت ۾ ان کي خاص اهميت حاصل آهي اڄ جي تيز رفتار زندگيءَ ۾ سچا ۽ مخلص دوست انسان لاءِ وڏي نعمت آهن جيڪي ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏين ٿا ۽ خوشين ۾ شريڪ ٿين ٿا پاڪستان سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ماڻهو اڄ پنهنجي دوستن سان محبت، احترام ۽ پائيچاري جي اظهار لاءِ پيغام موڪلين ٿا، ملاقاتون ڪن ٿا ۽ مختلف تقريبن جو اهتمام پڻ ڪن ٿا. دوستي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سڄي دنيا جيان پاڪستان ۾ به ماڻهو پنهنجن دوستن ڏي تحفا موڪلين ٿا. ڪجهه ملڪن ۾ هي ڏهاڙو آگسٽ جي پهرين آچر تي به ملهايو ويندو آهي

ٻانڌي ۾ اي سي دوڙ ۽ فوڊ کاتي جي گڏيل ڪارروائي

غيرقانوني ڪڻڪ ذخيرو ڪندڙ واپارين خلاف ڪريڪ ڊائون

ڪارروائي دوران سڄاد مري سميت ٻين واپارين جا گودام سيل ڪيا ويا

ٻانڌي (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر دوڙ ڊاڪٽر ڪاڪڙ ۽ فوڊ کاتي جي آفيسرن گڏيل ڪارروائي ڪندي ٻانڌي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ مبينا طور غيرقانوني ڪڻڪ ذخيرو ڪندڙ واپارين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ڪارروائي دوران سڄاد مري سميت ٻين واپارين جا گودام سيل ڪيا ويا جڏهن ته مختلف هنڌن تي موجود ڪڻڪ جي اسٽاڪ بابت پڻ جاچ جاري آهي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر دوڙ ڊاڪٽر ڪاڪڙ چيو ته حڪومت جي هدايتن موجب غيرقانوني ذخيرا اندوزي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي هن شهرين ۽ ڳوٺاڻن کي اپيل ڪئي ته جيڪڏهن ڪنهن به ڳوٺ يا علائقي ۾ ڪڻڪ جا لڪائي رکيل ذخيرا يا گودام موجود هجن ته انهن جي نشاندهي ڪن انتظاميا فوري طور ڪارروائي ڪندي هن وڌيڪ چيو ته ناجائز منافعي خوري ۽ ذخيرا اندوزي خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانون موجب قدم کنيا ويندا، جڏهن ته اهڙيون ڪارروايون جاري رهنديون ته جيئن سرڪاري پاليسي تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻائي سگهجي

ٻانڌي: جسقم پاران سنڌ مان گم ٿيل 27 ٻارڙن جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نصيرآباد ۾ بجلي جي غيرقانوني لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

شهري اتحاد جو ٻئي ڏينهن به ڌرڻو ايس ڊي او سان ڳالهيون ڪامياب

ايس ڊي او جي يقين دهانيءَ بعد شهري اتحاد پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

نصيرآباد(ن ع) نصيرآباد ۾ بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ ۽ اڻاعلانيل ڪٽوتيءَ خلاف شهري اتحاد نصيرآباد پاران اڄ ٻئي ڏينهن به گرڊ اسٽيشن اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي جي اڳواڻي ڪامريڊ سينگار نوناري، زاهد تنيس دلدار ابڙي، ۽ مصطفيٰ ڪلهوڙو ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي شهرين واپڊا انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن چيو ته 24 ڪلاڪن مان 4 ڪلاڪ به بجلي صحيح طريقي سان نٿي ڏني وڃي سخت گرميءَ ۾ عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي ۽ واپڊا عملو ڪو به ڏس پتو ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهي ڌرڻي واري هنڌ ايس ڊي او چوڌري ارسلان اقبال پنهنجي ٽيم سان پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون جنهن دوران شرطن تي اتفاق ٿيو مقرر ڪيل سرڪاري شيڊول مطابق بجلي جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي هلندڙ بجليءَ دوران ڪا به واڌو يا غيرقانوني لوڊشيڊنگ نه ڪئي ويندي ايس ڊي او جي يقين دهانيءَ بعد شهري اتحاد پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو شهري اتحاد جي اڳواڻن موجب، هو جلد پنهنجو تنظيمي اجلاس گهرائي صورتحال جو جائزو وٺندا ۽ اڳتي جو فيصلو ڪري راهه عمل جوڙيندا

نصيرآباد:بجلي جي غيرقانوني لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ انساني اسمگلنگ خلاف عالمي ڏينهن ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ خميس ڏينهن 30 جولاءِ تي انساني اسمگلنگ خلاف عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن جو مقصد انساني اسمگلنگ جهڙي سنگين ڏوهه کي روڪڻ متاثرن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۽ ان حوالي سان عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ آهي هلندڙ سال 2026ع لاءِ گڏيل قومن هن ڏينهن جو موضوع "ٺڳيءَ جي جار ۾ ڦاٿل" (Trapped Behind the Scam) رکيو آهي 30 جولاءِ تي ملهايل هي عالمي ڏينهن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته انساني اسمگلنگ جا خطرا دنيا جي هر خطي ۾ موجود آهن هن ڏينهن جي مناسبت سان سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن توڙي عالمي تنظيمن پاران آگاهي مهمون، سيمينار ۽ ٻيا پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن جن ۾ انساني اسمگلنگ کي هڪ سنگين ڏوهه ۽ انساني حقن جي ڪليل ڀڃڪڙي قرار ڏنو ويندو آهي گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن بابت اداري (UNODC) ۽ عالمي منظم ڏوهن خلاف گڏيل قومن جي ڪنوينشن (UNTOC) جي سهڪار سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ انساني اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون جاري آهن عالمي ڏينهن جي موقعي تي مختلف سرڪاري، غير سرڪاري ۽ رفاهي ادارن پاران انساني اسمگلنگ جي خطرن، ان جي روڪٿام ۽ متاثر ماڻهن جي تحفظ بابت جاڳرتا اجاگر ڪرڻ لاءِ تقريبون پڻ منعقد ڪيون ويون

گهوٽڪي ۾ سيپڪو ملازمن جو ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري

لائين سپرنٽينڊنٽ امجد نوناري کي هٿڪڙيون هڻڻ ۽ مبينا تذليل خلاف احتجاج ڪيو ويو

سرڪاري ملازم سان مبينا طور تي توهين آميز رويو اختيار ڪرڻ افسوسناڪ آهي: مظاهرين

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ۾ ميرپور ماٿيلو جي لائين سپرنٽينڊنٽ امجد نوناري کي هٿڪڙيون هڻڻ ۽ مبينا تذليل خلاف سيپڪو ملازمن جو ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري خبر موجب سيپڪو سرڪل آفيس گهوٽڪي ۾ ميرپور ماٿيلو جي لائين سپرنٽينڊنٽ امجد نوناري کي هٿڪڙيون هڻي مبينا طور تذليل ڪرڻ واري واقعي خلاف سيپڪو جي سوين ملازمن ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو ملازمن ڪم ڇڏ هڙتال ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاجي ڪئمپ تي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي گهوٽڪي جي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاڪو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ محمد ياسين وٽو جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ مولانا ممتاز علي چاچڙ ۽ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ لالا قيصر زمان پٺاڻ پهچي سيپڪو ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو احتجاج ۾ اي سي ڪاشف گلزار شيخ، ايڪسين گهوٽڪي تاج محمد ماڪو ايڪسين ميرپور ماٿيلو عظيم عباسي، ايس ڊي او نويد عمران شيخ، زونل چيئرمين جاويد احمد عباسي، زونل سيڪريٽري رينواز ڪلوڙ، زاهد حميد قريشي، بشير ڪورائي، ماجد علي هڱڙو، عقيل احمد ڏايو سميت ميرپور ماٿيلو، ڏهرڪي، اوباوڙو، سکر ۽ پنوعاقل مان آيل سيپڪو ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سرڪاري ملازم سان مبينا طور تي توهين آميز رويو اختيار ڪرڻ ۽ هٿڪڙيون هڻڻ انتهائي افسوسناڪ عمل آهي، جنهن سبب ملازمن ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جو غيرجانبدارانه نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ مؤثر قدم کنيا وڃن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ملازمن جي عزت ۽ وقار جو تحفظ هر اداري جي ذميواري آهي، جيڪڏهن سندن جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

گهوٽڪي: ماٿيلي جي لائين سپرنٽينڊنٽ امجد نوناري جي حق ۾ سيپڪو ملازم احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪوٽ غلام محمد شهر جي وارڊ نمبر 2 جي رهواسين جو احتجاج

حيسڪو جي مبينا زيادتين ۽ بجلي جي ڊگهي بندش خلاف احتجاج ڪيو ويو

ٽرانسفارمر سڙي وڃڻ سبب گذريل 7 ڏينهن کان بجلي جي فراهمي معطل آهي: مظاهرين

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد شهر جي وارڊ نمبر 2 جي رهواسين حيسڪو جي مبينا زيادتين ۽ بجلي جي ڊگهي بندش خلاف پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري شاهه لطيف چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو حيسڪو عملي خلاف شديد نعريبازي ڪئي روڊ بلاڪ ڪرڻ سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي احتجاج ڪندڙن عباس قائمخاني انور قائمخاني، راجو قائمخاني ۽ احسان ميئو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو ته سندن پاڙي جو بجلي ٽرانسفارمر سڙي وڃڻ سبب گذريل 7 ڏينهن کان بجلي جي فراهمي معطل آهي، جنهن ڪري شديد گرمي ۾ علائقي واسين جي زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي متاثر شهرين الزام لڳايو ته ٽرانسفارمر جي مرمت لاءِ حيسڪو عملي پاران مبينا طور پئسا طلب ڪيا پيا وڃن جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن مطالبو ڪيو ته سڙيل ٽرانسفارمر جي فوري مرمت ڪرائي بجلي بحال ڪئي وڃي ۽ مبينا طور پئسا گهرڻ واري معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي احتجاج دوران اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽ غلام محمد ريحان ڊيو ڌرڻي واري هنڌ پهچي متاثر شهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ مسئلو حل ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي جنهن بعد احتجاج ڪندڙن ڌرڻو ختم ڪري روڊ کولي ڇڏيو رهواسين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن بجلي جي فراهمي جلد بحال نه ڪئي وئي ته هو بيهر احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا.

ڪوٽ غلام محمد: شهر جي وارڊ نمبر 2 جي رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڊگهڙي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ گذريل ڏينهن هلڪي برسات کانپوءِ بجلي بدستور گم

هلڪي برسات کانپوءِ حيسڪو ڊگهڙي پاران مبينا طور فالٽ جو جواز ڄاڻائي بجلي جي ڊگهي بندش

مهاجر مسجد پرسان رات جو لڳ ڀڳ 12 وڳي هڪ ٽرانسفارمر جا جمپر سڙي وڃڻ سبب علائقي جي بجلي معطل

ٽرانسفارمر مان مبينا طور غيرقانوني ڪنيڪشن لڳائڻ جي ڪوشش دوران جمپر سڙي ويا، بجلي بحال ڪئي وڃي: رهواسي

ڊگهڙي(ن ع) ڊگهڙي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ گذريل ڏينهن هلڪي برسات کانپوءِ حيسڪو ڊگهڙي پاران مبينا طور فالٽ جو جواز ڄاڻائي بجلي جي ڊگهي بندش ڪئي وئي، جنهن سبب شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏنو پيو. ذريعن موجب ٽنڊو غلام علي روڊ تي مهاجر مسجد پرسان رات جو لڳ ڀڳ 12 وڳي هڪ ٽرانسفارمر جا جمپر سڙي وڃڻ سبب علائقي جي بجلي معطل ٿي وئي مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته ٽرانسفارمر مان مبينا طور غيرقانوني ڪنيڪشن لڳائڻ جي ڪوشش دوران جمپر سڙي ويا، جنهن ڪري غريب آباد، نياز ٽائون 170 فيڊر ۽ انب موري فيڊر سميت مختلف علائقن ۾ بجلي جو ڊگهو بريڪ ڊائون رهيو شهرين موجب حيسڪو عملو ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين خرابي درست ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ۽ صبح جو لڳ ڀڳ 10 وڳي فالٽ ٺيڪ ڪري بجلي بحال ڪئي وئي.شهرين جو چوڻ آهي ته ڊگهڙي ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ گذريل ڇهن ڏينهن کان اڻ اعلانيه لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب شهرين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. سندن چوڻ آهي ته شام يا رات جو جيڪڏهن فالٽ پوي ٿو ته بجلي جي بحالي ۾ اڪثر سڄو ڏينهن لڳي وڃي ٿو جڏهن ته مبينا طور ڪجهه مرمتي ڪم نجي ماڻهن کان پڻ ورتو وڃي ٿو.متاثر علائقن جي رهواسين سخت احتجاج ڪندي حيسڪو جي اعليٰ اختيارين کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته سخت گرمي ۾ لڳاتار بجلي بند رهڻ سبب ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿي رهيون آهن جڏهن ته اسپتالن ۾ مريضن ۽ سندن وارثن کي پڻ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

ڊگهڙي پرسان گهرو تڪرار تان 22 ورهين جي شادي شده عورت آپگهات ڪري ڇڏيو

ڊگهڙي(ن ع) ڊگهڙي پرسان گهرو تڪرار تان 22 ورهين جي شادي شده عورت مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي ڊگهڙي پرسان ڳوٺ عمر الدين ۾ گهرو تڪرار سبب 22 ورهين جي شادي شده عورت مبينا طور ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو.پوليس ذريعن موجب متاثر عورت جي سڃاڻپ شريمتي داڻيلي زال دلو ريباري، رهواسي ڳوٺ عمر الدين طور ٿي آهي ٻڌايو وڃي ٿو ته داڻيلي ۽ دلو ريباري جي شادي کي هڪ سال جو عرصو ٿيو هو.اطلاعن موجب گهريلو اڻبڻت کان پوءِ شريمتي داڻيلي گهر جي ڇت ۾ ڦاهو لڳائي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي واقعي جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

مٺي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر پاران اهم گڏجاڻي

چوماسي جي مند دوران وڻڪاري مهم هلائڻ جي حوالي سان ويچار

وڻ ڪان وڻ ٻوٽا لڳائي اسان پنهنجي معاشري کي سرسبز بڻايون: عبدالحليم جاگيراڻي

مٺي (ڊ-ر) چوماسي جي مند دوران وڻڪاري مهم هلائڻ جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي اڄ پنهنجي آفيس ۾ ضلعي جي سمورن سرڪاري کاتن،مڪاني ادارن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن سان گڏجاڻي ڪئي.گڏجاڻي ۾ گذريل سال لڳايل ٻوٽن جي موجوده صورتحال ۽ وڻ جي واڍي سميت ٻين معاملن تي غور ڪيو ويو.گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ماحولياتي گدلاڻ کي ختم ڪرڻ ۽ موسمي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻيلن جو هجڻ ضروري آهي جڏهن ته ٻوٽا ماحول ۾ ايندڙ تبديلين کي منهن ڏيڻ جي سگهه رکن ٿا تنهن ڪري وڻ کان وڻ ٻوٽا لڳائي اسان پنهنجي معاشري کي سرسبز بڻايون.هن عام ماڻهن،سول سوسائٽي ۽ ميڊيا جي نمائندن تي زور ڀريو ته اهي ماڻهن ۾ ٻيلن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن.ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ فاريسٽ آفيسر ٻڌايو ته چوماسي جي مند ۾ وڻڪاري مهم لاءِ ضلعي ۾ هڪ لک ۾ هزار ٻوٽا لڳائڻ جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي.جڏهن ته فاريسٽ کاتي وٽ چار نرسريون آهن جتان تعليم کاتي سميت پاڪ فوج کي مفت ۾ ٻوٽا فراهم ڪيا ويندا جڏهن ته ٻين سرڪاري ادارن توڙي عام ماڻهن کي 5 روپيا في ٻوٽي جي حساب سان ٻوٽا فراهم ڪيا ويندا. ڊپٽي ڪمشنر ڏنل بريفنگ تي ٻيلي کاتي جي عملدارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته اهي وڻن جي واڍي کي بند ڪرائين ۽ وڻن جي واڍي ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس رپورٽ پيش ڪن .هن سمورن ادارن کي هدايت ڪئي ته اهي وڻڪاري مهم دوران ٿر جي مقامي ۽ اڻاٺ ٿي ويل وڻن جي واڌ ويجهه لاءِ ڪارائتا اپاءَ اختيار ڪن جڏهن ته ٻوٽا لڳائي انهن جي مالڪي به ڪن ته جيئن اهي وڏي وڻ ٿي سگهن.هن نگرپارڪر ۾ ڪيسو ٿل جيڪو هڪ قدرتي ۽ اڻلڀ ٻوٽو آهي جنهن جي واڌ ويجهه لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر نگرپارڪر کي خاص هدايتون جاري ڪيون.

سنڌ مان گم ٿيل 27 ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ٻانڌي ۾ مظاهرو

جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي مرڪزي سڏ تي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي: مظاهرين

ٻانڌي (ن ع) جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي مرڪزي سڏ تي پوري سنڌ جيان ٻانڌي ۾ پڻ جسقم يونٽ ٻانڌي پاران پريا ڪماري جي آزادي، سنڌ مان گم ٿيل 27 ٻارڙن جي بازيابي، جلالپور ڪئنال منصوبي جي مخالفت، منشيات جي وڌندڙ وڪري ۽ سنڌ ۾ وڌندڙ لاقانونيت خلاف نيشنل پريس ڪلب ٻانڌي اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي جسقم يونٽ ٻانڌي جي صدر محبوب پنجاري آصف جمالي پرويز جمالي مصطفيٰ جمالي، خالق جمالي ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي ڪارڪنن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي. جنهن پنهنجي نااهلي سبب سنڌ کي تباهي جي ڪناري تي آڻي بيهاريو آهي. هنن چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي، منشيات جو ڪاروبار کلي عام هلي رهيو آهي جڏهن ته معصوم ٻارڙا به محفوظ ناهن. هنن چيو ته پريا ڪماري سميت سنڌ مان گم ٿيل 27 ٻارڙن کي فوري طور بازياب ڪري وارثن حوالي ڪيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته جلالپور ڪئنال جهڙا منصوبا سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو آهن، جن کي سنڌ جا ماڻهو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا.

ٻانڌي: اي سي دوڙ ۽ فوڊ کاتي جي گڏيل ڪارروائي ۾ هٿ آيل ڪڻڪ جون ٻوريون

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد(اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن خميس ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 2 لک 43 هزار900ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 15 هزار 200ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 41هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 41 هزار 700 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو2 لک 56 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 2 لک 56هزار ڪيوسڪ جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 51هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 8 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 953 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو83 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1535 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.728 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1194.30 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 3.891 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح648.50فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.258 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو

سڪرنڊ ۾ جسقم جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگي جي بازيابي لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ سرڪار جي نااهلي سبب پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگي بازياب ناهن ٿيون: مظاهرين

سڪرنڊ (ن ع) جسقم جي مرڪزي سڏ تي پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگي جي بازيابي ۽ جلال پور ڪئنال خلاف قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي جسقم اڳواڻن مورڙو ميرپحر قربان بنبي برڪت جلباڻي ۽ جي ايم زنونر الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ سرڪار جي نا اهلي سبب پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگي ڪئي سال گذرڻ باوجود اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهي آهي جيڪا رياست جي منهن تي چماٽ آهي جڏهن ته جلال پور ڪئنال ۾ سنڌن ڪجهه مقصد شامل آهن پر اسين کين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته جسقم اوهان جا ناڪام ارادا ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڪئنالن جو منصوبو رد نه ڪيو ويو ۽ سنڌ جون اغوا ٿيل نياڻيون آزاد نه ڪرايون ويون ته جسقم احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ سگهارو ڪندي مظاهري دوران ڪامريڊن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا جن تي مختلف مطالبا تحرير ٿيل هئا جيڪي سخت نعري بازي پڻ ڪري رهيا هئا

سڪرنڊ: جسقم جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نصيرآباد ۾ زرعي پاڻي جي شديد ڪوٽ ۽ علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج

زرعي پاڻي جي شديد ڪوٽ ۽ علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

پڇڙي واري علائقن ۾ زرعي پاڻي جي سخت ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي، فصل سڙي تباهه ٿي رهيا آهن: مظاهرين

علائقي ۾ ڏوهن ۽ بدامني جي صورتحال چوٽ چڙهيل آهي، جنهن سبب عام شهري ۽ واپاري پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا

نصيرآباد(ن ع) نصيرآباد ۾ زرعي پاڻي جي شديد ڪوٽ ۽ علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف عاشق نوناري، منصور سومرو، خدا بخش سانگهڙو سچل چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقه پريس ڪلب آڏو سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين آبپاشي کاتي ۽ مقامي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته نصيرآباد ۽ ان جي پڇڙي واري علائقن ۾ زرعي پاڻي جي سخت ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي جنهن سبب آبادگارن جا تيار ٿيل فصل سڙي تباهه ٿي رهيا آهن ۽ زميندار معاشي طور تي تباهي جي ڪناري پهچي ويا آهن. هنن چيو ته علائقي ۾ ڏوهن ۽ بدامني جي صورتحال چوٽ چڙهيل آهي جنهن سبب عام شهري ۽ واپاري پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا. پر مقامي پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي. مظاهرين اعليٰ اختيارين ۽ وس وارن کان ترت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته نصيرآباد کي پنهنجي حصي جو زرعي پاڻي فراهم ڪيو وڃي ۽ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائي شهرين کي تحفظ ڏنو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مسئلا حل نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

اين پي سي آئي ايڇ پاران تنظيم ۾ نون ميمبرن جي شرڪت

تنظيم جي سرپرست غلام رسول ڪيريو جي صدارت هيٺ شاندار آجياڻو

اسان جي تنظيم جو مقصد ملڪ مان نفرتون ختم ڪرڻ آهي: غلام رسول ڪيريو

سڪرنڊ (ن ع) اين پي سي آئي ايڇ پاران تنظيم ۾ نون ميمبرن جي شرڪت تي سندن مان ۾ تنظيم جي سرپرست غلام رسول ڪيريو جي صدارت هيٺ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ گلن جا هار پارائي ڪين لنگين ۽ مبارڪون ڏنيون ويون آجياڻي تقريب ۾ سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ۽ سينيئر صحافي راجڪمار اوڏ مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جن نون ميمبرن تنظيم ۾ شموليت ڪئي آهي انهن ۾ انجنيئر احمد علي انصاري، رضوان احمد، رميز ڪيريو، محمد هاشم جمالي شهباز ڪيريو ۽ محمد صديق ڪيريو شامل هئا آجياڻي تقريب کي محمد ياسين ڪيريو لياقت خانزاده، طارق راڄپر ۽ ٻين الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته اسان جي تنظيم جو مقصد ملڪ مان نفرتون ختم ڪرڻ، فرقه بندي جو خاتمو ۽ امن و امان جي بحالي لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسين پاڪ فوج سان گڏ آهيون جن هن ملڪ جو وقار عالمي سطح تائين بلند ڪيو آهي اسين نون ميمبرن مان اميد ٿا ڪيون ته هو به جوش ۽ جذبي سان تنظيم لاءِ ڪم ڪندا ان موقعي تي عطا محمد ڪيريو بلاول سولنگي، الاهي بخش ڪيريو عبدالقادر گبول ۽ اختر ڪيريو پڻ موجود هئا

سڪرنڊ جي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۾ ٽورنامينٽ جو فائنل

سڪرنڊ (ن ع) نوجوان اتحاد سڪرنڊ پاران نوجوان ڪرڪٽ ليگ ٽورنامينٽ چيف آرگنائيزر الله بخش ڪيريو ۽ علي رضا جمالي جي ميزبانيءَ هيٺ ڪرايو ويو ٽيپ بال ٽورنامينٽ جو فائنل گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سڪرنڊ ۾ منعقد ڪيو ويو فائنل ۾ سڄاد ڌلمي ۽ جي ايم ڪنگس مين جون ٽيمون ٻيهيون جن ۾ دلچسپ ۽ سخت مقابلي کانپوءِ جي ايم ڪنگس ٽيم کي ونر قرار ڏنو ويو جڏهن ته سڄاد ڌلمي کي رنر ٽيم قرار ڏنو ويو فائنل ٽورنامينٽ ميچ جي اختتامي تقريب جو مهمان خاص نوجوان اتحاد جو چيئرمين سيد شايان شاهه هو جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ پ پ جو ضلعي جنرل سيڪريٽري علي حيدر شاهه سٽي صدر سيد غدير اختر شاهه سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ۽ نوجوان اتحاد جو وائيس چيئرمين تعاز علي ڪيڙو شامل هئا فائنل ٽورنامينٽ جي ڪمينٽري سنڌ جي مشهور ڪمنٽيٽر الطاف حسين نقشبندي جن ڪئي جنهن سان شائقين ۾ ميچ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ دلچسپي پيدا ٿي ٽورنامينٽ جا امپائر سمير ڪنير ۽ سهيل چانڊيو هئا جن انتهائي شاندار نموني پنهنجي ذميواري پوري ڪئي ان موقعي تي سيد شايان شاهه ڳالهائيندي چيو ته صحت مند سرگرميون انساني زندگيءَ لاءِ ضروري آهن اڄ جي ميچ دوران نوجوانن جو ٽيلينٽ ڏسي خوشي محسوس ٿي رهي آهي تقريب ۾ سيد علي حيدر شاهه ۽ سيد غدير اختر شاهه پڻ ٽورنامينٽ تي ڳالهائيندي الله بخش ڪيريو ۽ علي رضا جمالي جي محنتن کي ساراهيو ان کان اڳ گرائونڊ تي آيل مهمانن گلن جي ورکا ڪري لياقت جت، سهيل احمد چانڊيو بابو اسلم رند، قمر گڏاري منظور پسنول شاهد ملاح، نصرالله رند ۽ سندس ساٿين پاران شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو فائنل تقريب ۾ شاهد پاهي شير لاکو لياقت ڪيريو جاويد سومرو، عظيم راجپوت جهانزيب مگسي جهندو خان مري، عبدالغفار راجپوت، گڏو جلباڻي پپو سوناري امتياز ڪيريو سميت ڪئي مهمان شريڪ هئا آخر ۾ مهمان خاص سيد شايان شاهه ۽ اعزازي مهمانن هٿان ونر ٽيم کي 20 هزار ۽ ٽرافي جڏهن ته رنر ٽيم کي 10 هزار ۽ ٽرافي انعام طور ڏنيون ويون جنهن تي ونر ٽيم پاران خوشيءَ ۾ جهمريون پاتيون

خيرپورناٿن شاهه ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاج جاري

آبادگارن پاران ڪميونٽي سينٽر اڳيان چوٿين ڏينهن به علامتي بک هڙتال

هزارين ايڪڙن لاءِ پوکيل سارين جو بيجارو سڪي ۽ سڙي رهيو آهي: مظاهرين

خيرپورناٿن شاهه(ن ع) خيرپورناٿن شاهه ۾ رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ نارا ڊسٽري ڪئنال جي مختلف شاخن ۽ واهن ۾ زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف هارين ۽ آبادگارن پاران ڪميونٽي سينٽر اڳيان چوٿين ڏينهن به علامتي ڪئمپ وڌي جتي يوٿ پارليامينٽ، عوامي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ جي يو آئي ايس يو پي آبادگار ٻڌهاري اڳواڻن امجد گاڏهي علي سڪي حافظ حاجن لغاري راجا قريشي، غلام محمد گاڏهي يعقوب ڪوسو محمد سومر چانڊيو غلام محمد گاڏهي ۽ ٻين جو چوڻ هيو ته نارا ڊسٽري ڪئنال جي ڪالرا شاخ، بيجاهو شاخ، خدا واهه شاخ، بيگوديرو شاخ، ڪڪڙ شاخ سميت ٻين شاخن ۽ واهن ۾ پاڻي نه پهچي سگهيو آهي جنهن جي ڪري هزارين ايڪڙن لاءِ پوکيل سارين جو بيجارو سڪي ۽ سڙي رهيو آهي پاڻي جي ڪوٽ، لکين ايڪڙ زمين آباد ٿي نه سگهندي جنهن ڪري زراعت سان جڙيل هزارين خاندان بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي ويندا هارين ۽ آبادگارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيندو جنهن سبب ماڻهون لڏ پلاڻ تي مجبور ٿي ويا آهي هنن چيو ته آبپاشي ڪامورن خلاف فوري نوٽيس وٺي انهن کان پڇاڻو ڪيو وڃي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پاڻي پهچائي هارين ۽ آبادگارن سان بيچيني ختم ڪئي وڃي ته ٻئي صورت ۾ علامتي بک هڙتال جاري رهندي

خيرپورناٿن شاهه: زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ خانوند ڏنو لاشاري واسي جو احتجاج

امجد ۽ اسد لاشاري اسان لاءِ وڏي مصيبت پيدا ڪري ڇڏي آهي: عبدالغني لاشاري

گهر ٻاهران وڏو پاڻي جو ڪڏو هٽي ڇڏيو آهي، هنن منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ خانوند ڏنو لاشاري واسي عبدالغني لاشاري پريس ڪلب ۾ اچي ٻڌايو ته امجد ۽ اسد لاشاري اسان لاءِ وڏي مصيبت پيدا ڪري ڇڏي آهي. هنن منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي هنن جي گهر سان لڳو لڳ منهنجو گهر آهي هنن گهر ٻاهران وڏو پاڻي جو ڪڏو هٽي ڇڏيو آهي ڪڏي ۾ هر وقت پاڻي ڀيهڻ سبب منهنجي گهر جون ديوارون سيڪ ۾ ڪمزور ٿي ويون آهن. مان هنن کي ڪيترائي ڀيرا ايلاز منٿون ڪري چيو ته ڪڏ مان پاڻي نيڪال جو جوڳو بندوبست ڪيو، منهنجي ڏيڍ ڪروڙ روپين جي جڳهه ڪري پوندي، منهنجي ڏانهن ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏين ٿا، هن چيو ته رات منهنجي گهر واري پاڻ ڪڏ جو پاڻي امجد لاشاري جي پلاٽ ۾ ڇوڙايو جنهن تان مچرجي امجد، اسد لاشاري ۽ ٻيا لوفر قسم جا ماڻهون گهر جي در تي اچي ڪري موت مار ڌمڪيون ڏيندي چيو ته جيئن اسان فيض محمد جي گهر ۾ سرعام گهڙيا هئاسين ايئن ئي تنهنجي گهر ۾ گهڙي سڀني سيڪاريندا سون هن وڌيڪ چيو ته امجد لاشاري منهنجي گهر جو ڪوڙو دستاويز به ٺهرايو هو اهو به مان هنن جو پڪڙي ورتو جڏهن ته هنن منهنجي گهر واري کان قرار ڪري پنجاهه هزار رپيا به وٺي ويا هئا ان جو هن ڪوڙو چيڪ ڏنو هو هن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ربيع الاول مهيني جي حوالي سان شاهه احمد مسجد هالاڻي ۾ اهم گڏجاڻي

هالاڻي (ن ع) ربيع الاول مهيني جي حوالي سان شاهه احمد مسجد هالاڻي ۾ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي جنهن جي صدارت مولانا محمد يعقوب سڪندري ڪئي گڏجاڻي ۾ حضرت مولانا منور علي طاهري، رونق محفل علامه مولانا سيد اظهار حسين شاهه ۽ مولانا محمد شفيق سميت علائقي جي ڪيترن ئي عالمن ۽ معززين شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي عالمن سڳورن چيو ته ربيع الاول جو مبارڪ مهينو رحمتن، برڪتن ۽ حضور اڪرم صہ جي ولادت باسعادت جون خوشيون ملهائڻ جو مهينو آهي هنن چيو ته هن مقدس مهيني دوران عشق رسول صہ اتحاد، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام عام ڪيو وڃي ۽ سڀئي مسلمان نبي ڪريم صہ جي سيرتِ طيبه تي عمل ڪندي پنهنجي زندگي گذارين گڏجاڻي دوران ربيع الاول مهيني ۾ پروگرامن جلوسن ۽ محفلن جي انتظامن بابت پڻ صلاح مشورا ڪيا ويا ميلاد ڪاميٽي جي ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي

ٻوزداروڍا پرسان ڳوٺ نصير فقير جلالاڻي جي رهواسين جو احتجاج

يوسي چيئرمين امجد علي جلالاڻي گهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستا بند ڪيا آهن: مظاهرين

پاڻرن کي سخت تشدد ڪري تذليل ڪري ڪنپٽي اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي

ٻوزداروڍا(ن ع) ٻوزداروڍا پرسان ڳوٺ نصير فقير جلالاڻي جي تن پاڻرن عبدالڪريم انڌر جي معذور شاگرد نثار احمد جلالاڻي منير احمد ولد عبداللطيف جلالاڻي ميڊيا اڳيان ٻاڌر يوسي نصير فقير جلالاڻي جي چيئرمين امجد علي جلالاڻي ۽ لطف علي جلالاڻي جي ظلمن خلاف ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي دانهيندي ميڊيا کي دانهيندي الزام لڳايو آهي ته جلالاڻي برادري جي ٻاڌرن يوسي چيئرمين امجد علي جلالاڻي اوشاق علي جلالاڻي ۽ جمالدين جلالاڻي زبردستي ڏاڍ ڪري ڳوٺ گهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستا پڻ بند ڪري ڇڏيا آهن ۽ اوطاق تي انهن جي هٿيارٻندن حملو ڪري قبضو ڪري بنگلي ۾ پيل سامان پڻ چوري ڪئي ويا آهن ۽ اسان تنهي پاڻرن کي سخت تشدد ڪري تذليل ڪري ڪنپٽي اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيو ۽ بعد ۾ ٽن ڏينهن بعد سخت تشدد ڪري گهر ٻاهران ڦٽو ڪري فرار ٿي ويا ۽ اسان جي ڀاءُ منير احمد ولد عبداللطيف جلالاڻي تي به پڻ سخت تشدد ڪري تذليل ڪئي هو ٻاڌر ڏاڍا ۽ ظالم آهن بيگناهه هنن اسان معاذ ظلم جا پهاڙ پيا ڪيرائين اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان جي دانهن ڪير به نه ٿو ٻڌي گهرن ڏانهن اچڻ وڃڻ جا رستا بند ڪرڻ سبب اسان گهرن تائين محدود ٿي ويا آهيون ۽ ٻاڌر يوسي چيئرمين امجد جلالاڻي هڪ وڏو ظالم آهي هنن چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج خيرپور وزير اعليٰ سنڌ آءِ جي سنڌ صوبائي گهرو وزير ڊي آءِ جي سکر چيف سيڪريٽري سنڌ صوبائي گهرو سيڪريٽري ۽ ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻيا وس وارا ۽ انساني حقن جون تنظيمون نوٽيس وٺي گهرن تان ٻاڌرن جا قبضا ختم ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ٻاڌرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

ٻوزداروڍا : ڳوٺ نصير فقير جلالاڻي ۾ ٻاڌر يوسي چيئرمين پاران پ پ اڳواڻ جي بنگلي جي گيٽ اڳيان دڪان ٺهرائي گهرن جي اچ وڃ جا رستا بند ڪري لاڙاڻون ڪيون پيون

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزانو عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزاني عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 31 جولاءِ 2026ع

آمريڪي سيڙپڪاري: موقعا، شرط ۽ سنڌ جون ذميواريون

سنڌ حڪومت پاران آمريڪي سيڙپڪارن کي صوبي ۾ ڊگهي مدي واري پائيداري جي آڇ اهڙي وقت سامهون آئي آهي، جڏهن پاڪستان کي معاشي استحڪام، روزگار جي فراهمي، برآمدات ۾ واڌ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي سخت ضرورت آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آمريڪي ڪاروباري وفد جي ملاقات ۽ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاريءَ جي دلچسپي يقيناً هڪ هاڪاري اڳڀرائي آهي، پر اهڙن موقعن کي رڳو بيانن ۽ واعدن تائين محدود رکڻ بدران عملي نتيجن ۾ تبديل ڪرڻ حڪومت جي سڀ کان وڏي ذميواري آهي. سنڌ قدرتي وسيلن، سامونڊي ڪناري، بندرگاهن، زرعي پيداوار، ڪوئلي جي ذخيرن، هوائي ۽ شمسي توانائي، صنعتي ڍانچي ۽ وڏي صارف مارڪيٽ سبب پاڪستان جي معيشت ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. ڪراچي، پورٽ قاسم ۽ ملڪ جي بين واپاري مرڪزن جي موجودگي سنڌ کي رڳو پاڪستان ئي نه پر وچ ايشيا، وچ اوڀر ۽ ڏکڻ ايشيا جي مارڪيٽن تائين رسائيءَ جو اهم دروازو بڻائي ٿي. اهڙي جاگرافيائي اهميت دنيا جي وڏين ڪمپنين کي سيڙپڪاريءَ لاءِ ضرور متوجهه ڪري سگهي ٿي پر صرف وسيلن جي موجودگي ئي ڪاميابي جي ضمانت ناهي هوندي. پرڏيهي سيڙپڪاري هميشه انهن ملڪن ڏانهن ويندي آهي، جتي پاليسين ۾ تسلسل، قانون جي حڪمراني، شفافيت، امن امان، توانائي جي دستيابي ۽ ڪاروبار لاءِ سازگار ماحول موجود هجي. جيڪڏهن ڪنهن سيڙپڪار کي هر قدم تي پيچيده قانوني ڪارروائين، غير ضروري اجازت نامن، بدعنواني يا انتظامي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوي ته پوءِ هو قدرتي وسيلن جي باوجود ٻئي ملڪ جو رخ ڪندو. تنهن ڪري سنڌ حڪومت لاءِ ضروري آهي ته هو رڳو سيڙپڪارن کي دعوت ڏيڻ کي حاصلات نه سمجهي پر انهن سڀني رڪاوٽن کي به مستقل بنيادن تي ختم ڪري، جيڪي سيڙپڪاريءَ جي راهه ۾ بيٺل آهن.

آمريڪي وفد پاران متبادل توانائي، مصنوعي ذهانت (AI)، ڊيٽا سينٽرن، صحت، فن ٽيڪ، ٽيڪنالاجي پارڪن، صنعتي زونن ۽ برآمداتي صنعتن ۾ دلچسپي ظاهر ڪرڻ انتهائي اهم ڳالهه آهي. دنيا جي معيشت تيزيءَ سان روايتي صنعتن کان جديد ٽيڪنالاجيءَ ڏانهن منتقل ٿي رهي آهي. جيڪڏهن سنڌ اهڙين صنعتن ۾ عالمي ڪمپنين کي متوجهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته نه رڳو روزگار جا هزارين نوان موقعا پيدا ٿيندا پر مقامي نوجوانن کي جديد مهارتون سکڻ، تحقيق ڪرڻ ۽ عالمي مارڪيٽ سان ڳنڍجڻ جو موقعو پڻ ملندو. ٻئي طرف اهو به ضروري آهي ته پرڏيهي سيڙپڪاري صرف خام مال ڪڍڻ يا منافعي تائين محدود نه رهي. حڪومت کي اهڙيون پاليسيون جوڙڻ گهرجن جن سان مقامي صنعت، مقامي مزدور، انجنيئر، ماهر ۽ ننڍا ڪاروبار به فائدو حاصل ڪن. جيڪڏهن هر منصوبو صرف ٻاهرين ڪمپنين جي مفادن تائين محدود رهيو ته ان سان سنڌ جي معيشت کي ڊگهي مدي وارو فائدو حاصل نه ٿيندو. هر وڏي سيڙپڪاري سان گڏ ٽيڪنالاجي جي منتقلي، مقامي ماڻهن جي تربيت، روزگار جي ضمانت ۽ ماحولياتي تحفظ کي لازمي شرط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ٿر جي ڪوئلي، هوائي ۽ شمسي توانائيءَ جي منصوبن بابت حڪومت جون دعوائون پنهنجي جاءِ تي آهن پر اها به حقيقت آهي ته اڄ به سنڌ جا ڪيترائي علائقا بنيادي سهولتن کان محروم آهن جيڪڏهن صوبي جا قدرتي وسيلا استعمال ٿين ٿا ته انهن علائقن جي ماڻهن کي تعليم، صحت، صاف پاڻي، روزگار ۽ بنيادي ڍانچي جي صورت ۾ سڌو سنئون فائدو ملڻ گهرجي. ترقيءَ جو اصل معيار اهو ناهي ته صرف وڏا منصوبا شروع ٿين پر اهو آهي ته انهن جا اثر عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ به نمايان نظر اچن.

سنڌ کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي شعبي ۾ عالمي سطح تي سڃاڻپ ملي آهي، جيڪا يقيناً حوصلا افزا ڳالهه آهي. پر ماضيءَ جا ڪيترائي منصوبا اهڙا رهيا آهن، جيڪي اعلانن کان اڳتي وڌي نه سگهيا يا مختلف سببن جي ڪري مڪمل نه ٿي سگهيا. ان ڪري هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر نئين معاهدي، هر سيڙپڪاري ۽ هر منصوبي بابت مڪمل شفافيت اختيار ڪئي وڃي. عوام کي به خبر هئڻ گهرجي ته ڪهڙي ڪمپني ڪهڙي شعبي ۾ سيڙپڪاري ڪري رهي آهي، ان جا شرط ڪهڙا آهن ۽ صوبي کي ان مان ڪهڙا فائدا حاصل ٿيندا.

لطيفي لات ———— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏٺِ ڏِري پَٽِ پيئُون، وِڄُون وَسَ ڪَري،
مينهَن وَسِي مُلڪَ جا، ڇَڏِيا تَل ڀَري،
قادِرَ ڪَرَمَ ڪَري، سُڪا پَٽَ سَاوا ڪِيا.

لطيف سائين ساوڻ جي منداتي مينهن متعلق ٻڌائي ٿو ته چمڪيلا وس يعني گهاٽن ڪڪرن سان گڏ تجلا ڏيندي ڪنوڻيون ڏٺ ڪان اچي پٽن يا ميدانن تي وسڪارا ڪرڻ لاءِ پهتيون آهن اهي ميدان، تل ڀرائيون. جيڪي ڪيتري ئي عرصي کان خشڪسالي جي ڪري سُڪي ٺوٺ ٿي ويا هئا، تن مٿان مينهن وسائي ڀري ڇڏيا، جل ٿل هڪ ڪري ڇڏيو. اهو ڪرم، قدرت رکندڙ قادر متعلق جو آهي جنهن سڪا پٽ ساوا ڪيا ۽ ڏڪار واري صورتحال ختم ٿي، جو ته تڪليف ۽ مشڪل واري هڪ گهڙي به ڏاڍي ڏکي گذرندي آهي هاڻ جڏهن ڪنوڻيون ڪيچ ڪري مينهن وسايا ته اتي سرهائي ۽ خوشحاليءَ جو وارو وريو آهي اڳ جتي بک اچ پئي واڪا ڪندي هئي، مينهَن جي وسڻ کان پوءِ سارنگ هر طرف سلوڪ ٿي سلوڪ ڪري ڇڏي آهي. جنهن ڪري سنگهارن لاءِ سک ٿي سک ڪري ڇڏيا آهن (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

ماضي، مائيڪ، ڪلام ۽ دودو مهيري!

اعظم ڀٽي

ادب ۽ سياست جي تاريخ رڳو وڏين تقريرن ۽ ڪتابن جي رسمي لفظن سان نٿي لکي ويندي، ڪڏهن ڪڏهن هڪ هڪ سٽ، هڪ انڪار ۽ هڪ هڪ ڪلام مان به اسان کي سماج، فن ۽ ڪردار جو مڪمل نقشو ملي وڃي ٿو. اهڙي ئي هڪ تصوير 4 جنوري 2025ع تي سنڌي ادبي سنگت جي 'ايڪي جو ڏينهن' تي جڙي سامهون آئي حيدرآباد جو ممتاز مرزا آڊيٽوريم علم، ادب، سياست ۽ سماجيات سان چاهه رکندڙ ماڻهن سان ڀريل هو. صدارت مدد علي سنڌي ڪري رهيو، خاص مهمان جامي چانڊيو ۽ ايڊوڪيٽ يوسف لغاري سميت سنگت جا پراڻا ساٿي تاج جويو، اڪل سومرو، يوسف سنڌي، احمد سولنگي، محمد خان ابڙو، جبار خان، صغير قريشي موجود هئا. اسٽيج تي ان وقت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻي، اياز لطيف دايو ۽ آزاد انور ڪانڌڙو به موجود هئا. ڪارروائي نصير مرزا هلائي رهيو هو، جنهن جو لفظ لفظ پنڊال کي جڻ ته تنبوري جي وڄندڙ تارجيان محسوس ٿي رهيو هو. آئون پهرين قطار ۾ ويٺل هئس منهنجي پر ۾ سنڌ جي ماضيءَ جو متحرڪ سياسي ڪردار دودو مهيري ويٺل هو. سندس موجودگيءَ منهنجي لاءِ هڪ سياسي تاريخ جو باب هئي اهو دودو؛ جنهن جي جوانيءَ جون راتيون سنڌ جي ڀهراڙين جي ڪچهرين ۾، چنڊ جي روشنيءَ هيٺ، عوام جي ساهن سان گڏ گذريون هيون. پروگرام جي شروعات ۾ احمد سولنگي دودي کان اچي پڇيو: 'اوهان ڳالهائيندا؟' دودي مهيري نرميءَ سان انڪار ڪيو. سندس انڪار ۾ مونکي ڪنهن قدر سندس مستقل مزاجيءَ واري سياسي ڪردار جي موجوده پختگي محسوس ٿي پرجيئن جيئن مقرر ڳالهائيندا ويا، دودي مهيري جي اکين ۾ ڪا پراڻي باهه ٻرڪي پئي هن مون ڏانهن ڏسي چيو: 'مان تقرير نه ڪندس هڪ ڪلام ڳائيندس اهو ئي ڪلام، جيڪو اسان ماضيءَ ۾ ڀهراڙين جي قومي ڪچهرين ۾ ڳائيندا هئاسين' سندس ڳالهه ۾ مونکي ادب ۽ سياست جو ڪو لڪل سبق محسوس ٿيو جيڪي ماڻهو تقرير جي منطق سان ڳالهائي سگهڻ جي سگهه وڃائي ويهندا آهن سي ڪڏهن ڪڏهن ڪلام جي ڪرب سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. چاڪاڻ ته تقرير دليل گهري ٿي ۽ ڪلام ايمان کي سلامت رکڻ جي ڪيفيت جو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

مون احمد سولنگي ۽ خالد راڄپر کي ٻڌايو ته دودو مهيري ڪلام ڳائڻ چاهي ٿو ان ڳالهه جڻ ته سندن چهري تي مُسڪراهٽ وکيري ڇڏي هئي پر ان مسڪراهٽ پويان ڪو پراسرار سبب ضرور هو اسان وساري ڇڪا هئاسين ته اسٽيج رڳو تقريرن لاءِ نه پر پراڻين يادن جي بحاليءَ لاءِ به هوندو آهي دودو ماضيءَ ۾ فنڪار نه پر هڪ متحرڪ سياسي ڪردار ۽ مقرر هو. جڏهن سڏ ٿيو ته 'دودو مهيري اچي پنهنجا ويچار ونڊي' ته هو اٿيو مائيڪ تي پهريون جملو اهو چيائين: 'مان تقرير ڪونه ڪندس، فقط هڪ قومي ڪلام ڳائيندس' ۽ پوءِ ڪلام شروع ٿيو پر اهو ڪلام اڄ جي اسٽيج لاءِ نه هو اهو ڪلام ماضيءَ جي مٽيءَ جي سڳنڌ، جهڙين محفلن جو هو، جتي تاڙيون نه پر ساهه گونجندا هئا جتي ڳائيندڙ ۽ ٻڌندڙن وچ ۾ ڪا ديوار نه هوندي هئي پنڊال ۾ پهرين ته خاموشي ۽ پوءِ هڪ عجيب ڪيفيت ڇانئجي وئي ڪجهه ماڻهو حيران، ڪجهه بيزار محسوس ٿيڻ لڳا. اسٽيج تي پراڻو اتساهيندڙ ڪلام ۽ ڀهراڙيءَ جي ڪچهرين جو ساڳو سُر هڪبئي سان ٽڪرائجي ويو. دودي جو انداز جيڪو ماضيءَ جي سچائيءَ مان نڪتل هو، حال جي رسمي ترتيب سان ٺهڪي نه سگهيو.

مون سوچيو ته هر فن جو پنهنجو وقت ۽ مقرر هڻڻ هوندو آهي جيڪو ڪلام ڳوٺائين ڪچهرين ۾ انقلاب جا ترانا بڻجي گونجيو هو اهو ئي ڪلام آڊيٽوريم جي پروٽوڪول ۾ 'بوريت' جو لڳي رهيو آهي؛ مسئلو ڪلام جو نه هو مسئلو وقت ۽ حلتن جو هو اڄ اسان اسٽيج کي ڪارڪردگيءَ ظاهر ڪرڻ جي علامت سمجهون ٿا تقرير 5 منٽ، شعر 3 منٽ، تاڙيون ۽ مقرر مقرر جا هوڪرا هاڻ اسٽيج جي مخصوص دنيا بڻيل آهن دودو مهيري ان ترتيب کي جڻ ته ٽوڙي ڇڏيو هو هن شايد سوچيو هو ته مون وٽ ڳالهائڻ لاءِ لفظ ناهن پر ڏيڻ لاءِ هڪ پراڻي ياد آهي اهڙي ياد ڪڏهن ڪڏهن اڄ جي دور لاءِ ناقابل هضم بڻجي ويندي آهي. دودي تقرير ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، جو ته هن ان وقت ڪوڙو مقرر بڻجڻ نٿي چاهيو هن اقرار ڪيو ڳائڻ جو، جو ته اهو ئي سندس سچ هو ادب ۽ سياست ۾ سڀ کان وڏي بهادري اها آهي ته ماڻهو پنهنجي اصليت سان سمجهوتو نه ڪري، ڀلي ڪٽي پنڊال سمجهي نه سگهي ان ڏينهن مون سکيو هو ته ادبي محفلون رڳو وڏن نالن ۽ وڏين ڳالهين سان نه ماپيون وينديون آهن ڪڏهن ڪڏهن مستقل مزاجيءَ ڪان هٽي ڪري هڪ انڪار، هڪ پراڻو ڪلام ۽ هڪ بور ٿيندڙ پنڊال به اسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري وڃندو آهي اڄ جو دودو مهيري اسان کي ياد ڏياري ويو ته سنڌ جو اصل آواز اسٽيج جي مائيڪ ۾ نه پر ماڻهن جي ساهه ۾ رهي ٿو ۽ جڏهن به اسان ان آواز کي رسمي لباس پهرائيندا آهيون ته اهو ڪجهه ماڻهن کي عجيب ضرور لڳندو پر تاريخ اهڙن عجيب لمحن کي به ياد رکندي آهي جيڪي اسان کي پنهنجي اصلي بنيادي رستن سان ڀيهر ڳنڍيندا ٿا.

آمريڪا-ايران جنگ: ڇا وڃايو، ڇا حاصل ڪيو؟

لقمان اسد

تاريخ جي رفتار جو انداز هميشه فاتحن جي گهوڙن جي ٽاپن سان نه لڳايو ويندو آهي. ڪيترائي ڀيرا ڪنهن سڙيل شهر جي خاڪ، ويران عبادتگاهن جي خاموشي، تباهه ٿيل لائبريرين جا پکڙيل ورق ۽ هڪ ماءُ جي بي آواز سڏ سڄي صديءَ جي درد جي ڪهاڻي بڻجي ويندا آهن. انهيءَ ڪري قومن ۽ تهذيبن جي اصل يادگيري جنگي اعلانن ۾ نه، پر انهن انساني ڏکن ۾ محفوظ هوندي آهي، جتي وقت به آهستي آهستي گذرندو آهي. آمريڪا ۽ ايران جي تازي جنگ کي به انهيءَ نظر سان ڏسڻ گهرجي هي رڳو ٻن ملڪن جي فوجي ويڙهه نه، پر طاقت، تهذيب، سياست، معيشت ۽ عام ماڻهن جي قسمت سان لاڳاپيل هڪ ڏکيو ۽ تلخ باب آهي ايران دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ آهي هخامنشي سلطنت کان وٺي ساساني دور تائين هن سرزمين طاقت جا عروج به ڏٺا ۽ زوال جون تڪليفون به سٺيون. ٻئي طرف آمريڪا هڪ نسبتاً نئون ملڪ آهي، پر گذريل سؤ سالن دوران عالمي سياست ۾ وڏي اثر رسوخ وارو ملڪ بڻجي ويو آهي. هڪ پاسي هزارين سالن جي تهذيبي ورثي واري قوم آهي، ته ٻئي پاسي جديد سائنس، وڏو سرمايو ۽ طاقتور فوجي قوت رکندڙ ملڪ. جڏهن اهڙيون ٻه وڏيون قوتون هڪ ٻئي جي سامهون اچن ٿيون ته انهن جو ٽڪراءُ رڳو سرحدن تائين محدود نه رهندو آهي، پر ان جا اثر سڄي دنيا ۾ محسوس ڪيا ويندا آهن. تاريخ ٻڌائي ٿي ته طاقت جو غرور هميشه عارضي هوندو آهي. سڪندر اعظم سنڌو درياهه تائين پنهنجون فتوحات پهچايون، پر موت واري سفر ۾ ئي سندس زندگي ختم ٿي وئي. رومي سلطنت اڌ دنيا تي حڪومت ڪئي، پر آخرڪار ان جا عاليشان محل ڪنڊرن ۾ تبديل ٿي ويا. بغداد، جيڪو ڪڏهن علم، فلسفي ۽ تهذيب جو مرڪز هو، 1258ع ۾ منگول حملي کان پوءِ اهڙي تباهي ڏٺي جو دجله درياهه جي پاڻيءَ بابت اڄ تائين مثال ڏنا ويندا آهن ته اهو مس ۽ رت سان رڱجي ويو هو. اهي واقعا ياد ڏيارين ٿا ته جنگ رڳو عمارتون نه ڊاهيندي آهي، پر علم، تهذيب ۽ قومن جي گڏيل يادگيريءَ کي به سخت نقصان پهچائيندي آهي جيتوڻيڪ آمريڪا هن جنگ ۾ پنهنجي جديد فوجي طاقت جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. جديد جهاز، ڊگهي مفاصلي تائين مار ڪندڙ هٿيار، طاقتور انٽيليجنس نظام ۽ تيز رفتار حملا سندس طاقت جو ثبوت هئا، پر اڄ جي دور ۾ جنگ رڳو مورچن تي نه وڙهي ويندي آهي معيشت، سفارتڪاري، اطلاعات، توانائي ۽ عالمي راءِ عامه به جنگ جا اهم محاذ هوندا آهن. هر فائر ٿيندڙ ميزائل سان گڏ ملڪ جا ملين وسيلا به خرچ ٿيندا آهن ۽ عالمي سياست ۾ نوان سوال به پيدا ٿيندا آهن ايران به پنهنجي مزاحمت جي روايت کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهڙي مزاحمت جي به وڏي معاشي ۽ سماجي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. بندرگاهن جي سرگرمي سست ٿي ويندي آهي، صنعتن جو ڦيٿو آهستي هلڻ لڳندو آهي، سيڙپڪار ٻڃي ويندا آهن ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻجي ويندي آهي. جنگ جي سڀ کان وڏي قيمت هميشه اهي ماڻهو ڀريندا آهن جن ڪڏهن به جنگ ڪرڻ جو فيصلو نه ڪيو هوندو. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ دنيا کي اهو سبق ڏنو ته جديد جنگ ۾ فاتح به زخمي ٿيندو آهي هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽمي حملن جاپان کي ته جهڪائي ڇڏيو، پر انسانيت جي ضمير تي اهڙو سوال ڇڏي ويا، جيڪو اڄ تائين ختم نه ٿيو آهي. ويتنام ۾ فوجي برتري سياسي ڪاميابي ۾ تبديل نه ٿي سگهي. افغانستان ۾ مختلف دورن ۾ به عالمي طاقتون داخل ٿيون، پر هنن کي سخت سبق مليو. عراق ۾ حڪومت ته بدلجي وئي، پر سڄو علائقو ڊگهي عرصي تائين بدامنيءَ جو شڪار رهيو. انهن سڀني مثالن مان اِهو ئي سبق ملي ٿو ته جنگ جي شروعات ته منصوبا بندي سان ٿيندي آهي، پر ان جو انجام گهڻو ڪري ڪنهن جي به منصوبي مطابق نه ٿيندو آهي. هن جنگ جا اثر عالمي معيشت تي به پيا. تيل جي اگهن بابت غير يقيني صورتحال پيدا ٿي، سامونڊي رستن جي سلامتي تي سوال اٿيا، سيڙپڪار محتاط ٿي ويا ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ بيچيني پکڙجي وئي. اڄ دنيا ايتري ويجهي ڳنڍيل آهي، جو وچ اوڀر ۾ پيدا ٿيل هڪ چڻنگ به ايشيا، يورپ، آفريڪا ۽ آمريڪا تائين معاشي اثر ڇڏي ٿي. هن ٽڪراءُ جو سڀ کان وڏو ۽ گهرو زخم عام ماڻهن کي رسندو آهي. هڪ پاسي هٿيار ڪٽي وڙهندڙ سپاهي هوندا آهن، ته ٻئي پاسي اهي بيگناهه شهري، جن جي گهرن ۾ دونهون، خوف ۽ تباهي داخل ٿي ويندي آهي.

هڪ پاسي فوجي ڪاميابين جا انگ اکر آهن ته ٻئي پاسي اسپتالن ۾ بسترن جي کوٽ، بند ٿيندڙ يا خالي ٿيندڙ اسڪول، سُڃا بازار ۽ خوف جي ماحول ۾ پلجندڙ ٻار آهن. تاريخ هميشه هڪ سوال پڇندي آهي ته جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ ٻار ڇا سکندا؟ امن پيار ۽ گڏجي رهڻ جو سبق يا نفرت، دشمني ۽ انتقام جو ورثو؟ اصل سوال اِهو ناهي ته آمريڪا کي هن جنگ مان ڇا مليو يا ايران ڇا وڃايو، حقيقي سوال اِهو آهي ته انسانيت ڇا وڃايو؟ آمريڪا پنهنجي فوجي طاقت جو مظاهرو ڪيو، پر ان لاءِ ڪيس مالي، سفارتي ۽ سياسي قيمت به ادا ڪرڻي پئي. ايران پنهنجي مزاحمت جو تاثر برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان جي عوام، معيشت ۽ بنيادي ڍانچي کي وڏي نقصان کي مُنهن ڏيڻو پيو. ٻنهي ڌرين پنهنجي پنهنجي موقف کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ساڳئي وقت سندن سامهون مستقبل جا نوان چئلينج به اچي بيٺا. آمريڪا ۽ ايران جي هن تازي جنگ بابت آخري فيصلو نه ڪنهن فوجي رپورٽ ۾ لکيو ويندو نه ڪنهن سياسي تقرير ۾ ۽ نه ئي ڪنهن سفارتي بيان ۾. ان جو اصل فيصلو وقت ڪندو، جيڪو ٻڌائيندو ته هن جنگ جو حقيقي فاتح ڪير هو ۽ اصل نقصان ڪنهن جو ٿيو.

وقت جو قلم هميشه بارود کان وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيو آهي. جڏهن ڪيترن ئي سالن ڪانپوءِ ڪو مورخ تاريخ جو هيءُ باب کوليندو، ته شايد هو هٿيارن جي فهرست لکڻ بدران اِهو لکي ته ايڪيهين صديءَ جو انسان علم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ حيرت انگيز ترقي ته ڪري ورتي هئي، پر هو اڃا تائين امن سان گڏجي رهڻ جي سڀ کان بنيادي دانائي حاصل نه ڪري سگهيو هو. حقيقت ۾ اِهو ئي هر جنگ جو سڀ کان وڏو نقصان هوندو آهي. اِهو ئي اهو سوال آهي، جيڪو هر فتح جي جشن کانپوءِ به خاموشيءَ سان زنده رهندو آهي ته آخرڪار انسان ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو؟

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

معذور نوجوانن کي ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون وڃن!

ملڪ ۾ هوندي ته تمام گهڻا معدني وسيلا آهن ۽ سنڌ قدرتي الله تعاليٰ جي نعمتن سان مالا مال خطو آهي هيءُ خطو پوري دنيا ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو سنڌ جو تيل پيٽرول، گئس، ٽامو، لوهه، ڪوئلو، بندرگاهون يا وري زرخيز زمينن ۽ سنڌ جي سنڌو درياهه جي ڳالهه ڪجي معنيٰ ته سنڌ جو هر حصو اهڙو ته مالا مال ۽ زرخيز آهي جو سنڌ جي ڇپي ڇپي جي مٽياس ۽ خوشبوءِ آهي اهڙي لاوارث قرتيءَ جا وارث بي يارو مددگار بڻايا وڃن ته پوءِ ڇا چئجي؟ سنڌ واسي اسپيشل رانديگر پنهنجي بي شمار صلاحيتن جي آڌار جي حوالي سان گذريل ڪيترن ڏينهن کان ئي مسلسل جائز مسئلن جي حل لاءِ پُرامن احتجاج ۽ علامتي بک هڙتال ڪندا پيا اچن اسان جا سادا مطلبا آهن سڀ کان پهريان اسان معذور نوجوانن جي جائز مطلبن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ته اسان به هن معاشري ۾ زنده رهڻ چاهيون ٿا اسان کي پنڻ ٿي نه هيرايو وڃي اسان پنڻ نٿا چاهيون پر اسين به هن معاشري ۾ هڪ بهترين شهري جيان زنده رهڻ جو حق گهرون ٿا. اسان کي سفارش جي ضرورت ناهي ۽ وري رشوت ڏيڻ جي وصيت آهي اسان چئون ٿا ته اسان کي پنهنجي ميرٽ مطابق نوڪريون ڏنيون وڃن اسان کي راندين جي حوالي سان اسپورٽس ڪاٽي ۾ معذور ڪوٽا مطابق نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن معذور ڪوٽا تي عمل نه پيو ٿئي معذور ڪوٽا به عام ٻين ماڻهن ۾ پئسن عيوض يا وري سفارش تي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون ۽ اسان جو حق ماريو وڃي ٿو دنيا کي ٻڌايو ٿو وڃي ته اسان معذور ڪوٽا معذورن ۾ ٿا ڏيون پر حقيقت ۾ ائين ناهي حقيقي معذور جيڪي مڪمل صلاحيتن جي باوجود به مسلسل ڌڪا کائي رهيا آهن انهن جي ڪوٽا تحت ٻين تندرست ماڻهن کي ڇو ٿو ڪنيو وڃي؟ ان لاءِ معزز عدالتون به اسان جي درخواستن تي عمل ڪرڻ جا ڪيترائي حڪم جاري ڪري چڪيون آهن پرر پوءِ به اسان حقيقي معذورن کي پنهنجو حق نٿو ڏنو وڃي اسان جو به اهو عزم آهي ته اسان معذور پنهنجن حقن لاءِ آخري دم تائين احتجاج ڪندا رهنداسين اسان پنهنجي سنڌي ميڊيا ادارن ۽ اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ نيوز ڊيسڪ وارن جا احسان مند آهيون اسان جي ڪيس کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ وڏو تعاون ٿيو آهي ڀرپور ساٿ ڏنو آهي اسان کي اميد آهي ته اهڙي طرح ئي اسان جا چونڊيل نمائندا اسان معذورن جي مطلبن کي سنجيدگيءَ سان عملي طرح حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻندا ته جيئن اسان مان ذهني پريشاني دور ٿي سگهي معذور نوجوان ڪرڪيٽرن کي راندين جو ميدان، پلي گرائونڊ ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي انعام، شيلڊز، ڪپ ۽ سرٽيفڪيٽن سميت بيروزگارن نوجوانن کي ايجوڪيشن هيلٿ، هاءِ وي، پوليس ڊپارٽمينٽ، سوئي گئس ۽ واپڊا سميت ٻين کاتن ۾ به ميرٽ ۽ اهليت مطابق نوڪريون ڏنيون وڃن غريب، مسڪين بي پهچ يتيم معذورن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪري انهن غريب يتيم نوجوانن جي هر مهيني ملي سهائتا ڪئي وڃي غريب مسڪين ۽ يتيم معذورن کي انهن سان ڪيل واعدن مطابق پنهنجا گهر ڏنا وڃن ڇاڪاڻ ته اڪثر معذورن کي گهر ناهن اهي دربدريءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ۽ مسئلن جو شڪار آهن اسان جو مطالبو آهي ته اسان کي هر ضلعي انتظاميه پنهنجي شهر ۾ ٽورنامينٽ ڪرڻ لاءِ وسيلا فراهم ڪري ته جيئن اسان به ٻين شهرن جيان پنهنجن شهرن ۾ ٽورنامينٽ ڪرائي سگهون ۽ سيئي ٽيمون اچي ڪرڪيٽ راند ۾ حصو وٺي سگهن سنڌ جي وڏي وزير پ پ چيئرمين، راندين واري ڪاتي خاص طور تي معذور واري ڪاتي کي گهرجي ته اهو اسان معذور نوجوانن جي مسئلن طرف ڌيان ڏئي معذور ڪميونٽي مان پريشانيءَ کي ختم ڪري سنڌ جي معذورن جي درد جو درمان بڻجڻ لاءِ سنڌ حڪومت عملي قدم کڻندي معذورن جي پنج سيڪڙو ڪوٽا تحت معذورن کي نوڪريون ڏنيون وڃن

عقيل عباسي

سنڌ جي ماڻهن لاءِ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ ۾ رڪاوٽون ڇو؟

اِيئن آخر ڇو آهي ته بنگالين برمين ۽ افغانين کي ته شناختي ڪارڊ ٺهي ملن ٿا، پر سنڌ جي اصل وارثن کي رلايو وڃي ٿو اسان جو هڪ ساٿي، جيڪو ملاح برادريءَ سان تعلق رکي ٿو جنهن جي والد جو فيملي ٽري نادرا ۾ نه ٿو ميچ ڪري، اهو ٽن سالن کان پنهنجو شناختي ڪارڊ ٺهرائي ناهي سگهيو، جنهن سبب اُن جي ڪٽي به داخلا ناهي ٿي ۽ هاڻ اُهو معمولي اُجوري تي مزدوري ڪرڻ تي مجبور آهي جڏهن ته سندس والد پريس ڪلب حيدرآباد تي پڻ ڌاڻهون ڪري چُڪي آهي، وفاقي محتسب اعليٰ کي پڻ درخواستون ڏنيون ويون آهن. پر شناختي ڪارڊ نهڻ وارو مرحلو ڪشمير جي آزاديءَ جيان مشڪل بڻجي ويو آهي براءِ مهرباني سنڌ جي ماڻهن سان ظلم ۽ زيادتيون ترڪ ڪري انهن کي گهربل ماڻ ڏنو وڃي، ڪٿي اِيئن نه ٿئي جو اهي به بلوچ نوجوانن لاءِ ناراضگيءَ واري واٽ اختيار ڪن

اسلام الدين سرڪي

عمران يعقوب خان

'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' آخر ڪيتري ڪامياب رهي؟

هڪ وزير جي استعيفيٰ تي پنهنجو احتجاج ختم ڪندڙ 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' اُن کي پنهنجي وڏي ڪاميابي سمجهي رهي آهي پر منهنجي نظر ۾ اِها اُن جي سڀ کان وڏي ناڪامي آهي منهنجو دليل اِهو آهي ته جيڪڏهن سڄي ڀارت جي نوجوانن جي نمائندگي ڪندڙ هيءَ پارٽي سڄي نظام کي بدلائڻ جي سگهه رکي ٿي ته پوءِ رڳو هڪ وزير جي استعيفيٰ تي ئي ڇو راضي ٿي وئي؟ ڇا ڀارت جي نوجوانن کي هاڻي پنهنجا سمورا حق ملي ويا آهن؟ ڇا اُتي اقليتن سان ٿيندڙ ناانصافيون ۽ اڪثريت جي زيادتين جو سلسلو ختم ٿي ويو آهي؟ ڇا ڀارت ۾ هر شعبي ۾ ميرٽ تي مڪمل عمل ٿيڻ لڳو آهي؟ ڇا سرڪاري ادارن ۾ ٿيندڙ ڪرپشن گهٽجي وئي آهي؟ ڇا مودي حڪومت جون فضول خرچيون، عيش عشرتون ۽ حڪمرانن جون موج مستيون ختم ٿي ويون آهن؟ ڇا ملڪ مان غربت ۽ بيروزگاري جو خاتمو ٿي ويو آهي؟ ڇا حڪومت عوام تي بار وجهندڙ بجيٽ پيش ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن؟ ڇا سفارش پنهنجن ماڻهن کي نوازڻ ۽ اقربا پروري جو مڪمل خاتمو ٿي ويو آهي؟ ڇا مهانگائي، ذخيره اندوزي ۽ مافيا راڄ تي مڪمل ضابطو اچي ويو آهي؟ جيڪڏهن ائين ڪجهه به ناهي ٿيو ته پوءِ 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' کي پنهنجو احتجاج وڌيڪ وسيع ڪرڻ گهرجي ها يا وري انقلابي تحريڪ ختم ڪري واپس نه موٽڻ گهرجي ها؟ سڀ کان اهم سوال اِهو آهي ته ڇا رڳو تعليم واري وزير جي استعيفيٰ سان ڀارت جي تعليمي نظام ۾ موجود ڪرپشن، ڌانڌلين ۽ ميرٽ جون ڀڃڪڙيون ختم ٿي ويون آهن؟ ڇا هڪ وزير جي وڃڻ ڪانپوءِ هاڻي امتحاني پرچا ليڪ ٿيڻ بند ٿي ويندا؟ جيڪڏهن 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' سڄو نظام تبديل نٿي ڪري سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ تعليمي نظام ۾ اهڙيون سڌارا ته ڪرائي سگهي ها، جن سان مستقبل ۾ نه ڪو امتحاني پرچو ليڪ ٿئي ۽ نه ئي ميرٽ جي لتاڙ ٿئي. تعليم مڪمل ڪندڙ هر نوجوان کي روزگار جا موقعا ملن ۽ ڪو به جج بيروزگار نوجوانن لاءِ 'ڪاڪروچ' جهڙو توهين آميز لفظ استعمال ڪرڻ جي جرئت نه ڪري. اهڙي جج کي عوام آڏو بيهاري اِهو ضرور پڇڻ گهرجي ته ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري جو ذميوار آخر ڪير آهي؟ ۽ جيڪي ذميوار آهن تن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ هڪ منصف جي حيثيت سان انهيءَ جج جي ذميواري آهي يا نه؟ اهو ڪم رڳو 'ڪاڪروچ جنتا پارٽي' ئي ڪري پئي سگهي پر افسوس جو ائين نه ڪيو ويو.

هن مهيني ڀارت جي راڄڌاني دهليءَ ۾ جنريشن زي جي نوجوانن ۽ شاگردن لکين ميڊيڪل شاگردن کي متاثر ڪندڙ امتحاني پرچن جي لڳاتار ليڪ ٿيڻ، امتحانن جا نتيجا رد ٿيڻ سبب شاگردن جي خودڪشين ۽ نوجوانن ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ بيروزگاري خلاف پارليامينٽ ڏانهن مارچ ڪيو. ان احتجاج ايترو زور ورتو جو ڀارتي سماج جا ٻيا ڪيترائي طبقا به ان ۾ شامل ٿيڻ لڳا. ايتري تائين جو وڪيلن ۽ پارٽي اداڪارن به هن تحريڪ جي حمايت ۾ آواز اٿاريو. اصل ۾ ٿيڻ ته اِهو گهرجي ها ته احتجاج جي اِها تيز لهر مودي حڪومت کي سخت دٻاءَ ۾ آڻي، حڪومت کي پنهنجون پاليسيون بدلائڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ها پر افسوس جو رڳو هڪ محدود مطالبي تي ئي سمجهوتو ڪيو ويو، جنهن کي مودي حڪومت به بنا ڪنهن هٻڪ جي مڃي ورتو. مان ائين ان ڪري چوان ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به تحريڪ کي اهڙو زور ۽ عوامي ساٿ بار بار نصيب ناهي ٿيندو. جڏهن اهڙو موقعو ملي ته ان مان ڀرپور فائدو وٺڻ گهرجي. ائين ناهي ته ماضي ۾ اهڙو ڪجهه ٿيوئي نه هجي عوامي تحريڪ جڏهن زور وٺي ته ان مان پنهنجا سمورا مقصد حاصل ڪرڻ جا مثال پري نه، پر ويجهي ماضي جي تاريخ ۾ به موجود آهن. اڃا ٻه سال به ناهن گذريا، جڏهن بنگلاديش ۾ شاگردن اهڙي زبردست تحريڪ هلائي، جو وزيراعظم حسينه واجد کي ملڪ ڇڏي ڀڄڻو پيو. بنگلاديش ۾ به حالتون گهٽي حد تائين ڀارت جهڙيون ئي هيون. اتي شاگرد تحريڪ جو سڀ کان وڏو سبب سرڪاري نوڪرين ۾ 56 سيڪڙو مخصوص ڪوٽا هو. ان مان به 30 سيڪڙو حصو 1971ع جي آزادي واري جنگ ۾ حصو وٺندڙن جي وارثن لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو. جنهن سبب ميرٽ تي ايندڙ هزارين نوجوان سخت متاثر ٿي رهيا هئا. قابليت ۽ ميرٽ هوندي به عام بنگلاديشي نوجوان لاءِ اعليٰ سرڪاري نوڪريون حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو بلڪ لڳ ڀڳ ناممڪن بڻجي ويو هو. هن ناانصافي خلاف هلندڙ احتجاج دوران اڳوڻي وزيراعظم حسينه واجد جا تڪراري بيان، جن ۾ هن احتجاج ڪندڙ شاگردن کي غدار ۽ رضاڪار سڏيو، ماڻهن جي ڪاوڙ کي وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏيو. حڪومت پُرامن شاگرد تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ پنهنجي شاگرد تنظيم 'ڇاترا ليگ' ۽ سيڪيورٽي ادارن ذريعي سخت تشدد ڪيو. ڳوڙها آڻيندڙ گئس ۽ سڌيون گوليون هلائڻ سبب ڪيترائي شاگرد مارجي ويا، جنهن ڪانپوءِ تحريڪ وڌيڪ تيزيءَ سان سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي. ان ڪان علاوه وڌندڙ بيروزگاري ۽ معاشي بحران به انهن اهم سببن مان هئا، جن هن شاگرد تحريڪ کي ڪامياب بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. اهڙيءَ ريت، اڄ کان هڪ سال اڳ نيپال ۾ 8 سيپٽمبر 2025ع تي نوجوانن جي شروع ڪيل عوامي تحريڪ ايترو زور ورتو جو وزيراعظم ڪي پي شرما اولي کي 9 سيپٽمبر تي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻي پئي رڳو وزيراعظم ئي نه، پر دفاع واري وزير، گهرو وزير ۽ ٻين ڪيترن ئي وزيرن کي به پنهنجا عهدا ڇڏڻا پيا، جڏهن ته حڪومت ئي ختم ڪئي وئي. هنن هنگامن دوران احتجاج ڪندڙن وزيراعظم هائوس، پارليامينٽ ۽ ٻين ڪيترين ئي سرڪاري عمارتن کي باهيون ڏئي ڇڏيون. وڏي پيماني تي ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ ڪيترن ئي وزيرن کي يرغمال پڻ بڻايو ان کان به اڳ سريلنڪا ۾ عوامي طاقت جو اهڙو ئي زبردست مظاهرو ڏسڻ ۾ آيو هو. 2022ع جي شروعات ۾ سريلنڪا پنهنجي تاريخ جي سخت ترين معاشي بحران کي منهن ڏئي رهيو هو. پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا ختم ٿيڻ سبب ملڪ ۾ دوائن، ٻارڻ ۽ کاڌ خوراڪ جي سخت کوٽ پيدا ٿي وئي هئي. ڊگهي لوڊشيڊنگ ۽ مهانگائي جي لڳاتار لهرن عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي هئي. لکين اعليٰ تعليم يافته نوجوان لاءِ روزگار جا موقعا نه هجڻ جي برابر هئا. عوام جو چوڻ هو ته راجا پاڪسا خاندان جي غلط پاليسين ۽ ڪرپشن ملڪ کي ديواليي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي انهيءَ ڪري مارچ 2022ع ۾ صدر گوتابايا راجا پاڪسا جي رهائشگاهه ٻاهران پرامن احتجاج شروع ٿيو جيڪو ٿوري ئي وقت ۾ جهنگ جي باهه وانگر سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويو. وقت گذرڻ سان شاگرد، هاري، مزدور ۽ عام شهري به هن تحريڪ ۾ شامل ٿيندا ويا. سڄي ملڪ ۾ هڙتالون ٿيون ۽ احتجاج ڪندڙن گڏيل آواز ۾ هڪ ئي نعرو هنيو ته 'سڀني کي استعيفيٰ ڏيڻي پوندي.' تحريڪ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مضبوط ٿيندي وئي. نيٺ 9 جولاءِ 2022ع تي لکين احتجاج ڪندڙ سڀئي رڪاوٽون ٽوڙي راڄڌاني ڪولمبو ۾ صدر ۽ وزيراعظم جي سرڪاري رهائشگاهن ۾ داخل ٿي ويا. عوامي دٻاءُ ايترو وڌي ويو، جو صدر گوتابايا راجا پاڪسا ڀڄي ملڪ ڇڏي وڃي ويو ۽ پوءِ 14 جولاءِ تي سنگاپور مان اي ميل ذريعي پنهنجي استعيفيٰ موڪلي. ان ڪانپوءِ وزيراعظم رنل وڪرما سنگهي به پنهنجو عهدو ڇڏي ڏنو.

هن سڄي تمهيد بيان ڪرڻ جو مقصد رڳو ايترو آهي ته ڀارت، بنگلاديش، نيپال، سريلنڪا، انڊونيشيا يا دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ جيڪڏهن حڪمرانن جا محل محفوظ آهن ته اهو عوام جي ڪري آهن ۽ جڏهن اهي ئي محل حڪمرانن لاءِ غير محفوظ بڻجي وڃن ٿا ته ان جو وڏو سبب حڪمرانن جون عوام دشمن پاليسيون ۽ فيصلا هوندا آهن هاڻي ستر يا اسي واري ڏهاڪي جو دور ناهي پر 2026ع هلي رهيو آهي سماجي رابطن جي ذريعن عوام کي هڪ نئين طاقت ڏني آهي هاڻي ڪا به ڳالهه گهڻي دير تائين لڪائي نٿي سگهجي آخرڪار هر ڳالهه سامهون اچي وڃي ٿي جيڪي حڪمران اڄ به عوام کي ڏاڍ ۽ جبر سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، تن لاءِ ٻين ملڪن ۾ هلندڙ عوامي تحريڪن ۾ سکڻ لاءِ گهڻو ڪجهه موجود آهي جيڪڏهن هو ان مان سبق وٺڻ ۽ حقيقت کي سمجهڻ چاهين

اڄوڪو ڏينهن ..... 31 جولاءِ

فاطمه جناح

اڄ مادر ملت محترمه فاطمه جناح جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 31 جولاءِ 1893ع تي هندستان جي گجرات رياست جي شهر ڪاٺياواڙ ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 31 بجاءِ 30 جولاءِ لکي وئي آهي. هن ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جي آر احمد ڊينٽل ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 1923ع ڌاري ڏندن جي ڊاڪٽر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. هوءَ پنهنجي ڀاءُ قائداعظم محمد علي جناح جي لاڏلي ڀيڻ هئي. قائداعظم ڪانئس ملڪي ۽ سياسي مسئلن تي صلاحون وٺندو هو. قائد اعظم جي وفات کان پوءِ لياقت علي خان جي حڪومت هن سان به اڪيائيءَ وارو سلوڪ روا رکيو. 1951ع تائين هن کي قوم کي خطاب ڪرڻ جي اجازت نه هئي. 1951ع ۾ آخرڪار، جڏهن هن ريڊيو تي قوم کي خطاب ڪيو ته هن جي تقرير جو گهڻو حصو سينسر ڪيو ويو. 1955ع ۾ هن "منهنجو ڀاءُ" نالي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيو پر 1987ع تائين انهيءَ ڪتاب جي ڇپائيءَ تي بندش رهي. 1987ع ۾ سندس وفات کان گهڻو پوءِ اهو ڪتاب شايع ٿيو پر انهيءَ جي ڪجهه اهم صفحن کي گُم ڪيو ويو. 1965ع ۾ هن آمر ايوب خان سان صدارت جي عهدي لاءِ چونڊ وڙهي. سنڌ جي سمورين سجاڻ ڌرين سميت پاڪستاني عوام جي اڪثريت سندس زبردست حمايت ڪئي، پر حڪومتي ادارن کيس اها چونڊ کٽڻ نه ڏني. هن 9 جولاءِ 1967ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

انجنيئر عبدالغني انصاري

هن نامور انجنيئر ۽ ادب دوست انسان جو جنم 31 جولاءِ 1955ع تي انور الدين انصاريءَ جي گهر دادو ضلعي جي مشهور شهر ڀان شريف ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان علامه آءِ آءِ قاضي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڀان شريف مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور مان پاس ڪيو. 1976ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات 1978ع ۾ زيل پاڪ سيمينٽ ڪارپوريشن ۾ اسسٽنٽ انجنيئر طور ڪيائين ۽ چيف انجنيئر جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو انجنيئرنگ سان گڏ هن کي ادب سان به گهڻي دلچسپي رهي. هن مختلف اخبارن ۽ رسالن لاءِ ڪيترائي ڪالم ۽ مضمون لکيا. هن ڀان شريف جي تاريخ بابت ڪتاب "ڀان يا ڀان" لکيو. سياست سان به لاڳاپيل رهيو ۽ 2000ع کان 2005ع تائين يونين ڪائونسل ڀان جو چيئرمين رهيو. هن 28 مئي 2020ع تي لاڏلاڏو ڪيو.

ڊاڪٽر زبيده ميتلو



هن مشهور ليکڪا جو جنم 31 جولاءِ 1955ع تي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر قمبر ۾ ٿيو هن نفسيات ۽ سوشالاجيءَ ۾ ايم اي جون سنديون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات نيشنل بينڪ آف پاڪستان جي حيدرآباد ۾ قائم زونل آفيس ۾ نوڪريءَ سان ڪيائين. 1983ع کان 1985ع تائين ليڪچرار طور مختلف ڪاليجن ۾ پڙهايائين. 1985ع کان 1988ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي پبلڪ ايڊمنسٽريشن شعبي ۾ ڪم ڪيائين. 1992ع ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي پبلڪ اسڪول ۾ پرنسپال طور سندس تقرري ٿي. 2003ع ۾ نوڪري ڇڏي مستقل طور برطانيه ۾ رهائش اختيار ڪيائين. جتي 2005ع ۾ ليڊز يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر زبيده ميتلو سنڌي ادبي دنيا ۾ به هڪ جاتل سڃاتل شخصيت آهي. هن هڪ جديد شاعره ۽ ليکڪا طور پنهنجو پاڻ مڃايو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "ذات ڏوهاري" ڇپجي چڪو آهي.

عرفان مهدي

اڄوڪو ڏينهن مشهور قوم پرست اڳواڻ، شاعر ليکڪ ۽ ڪمپيئر عرفان مهديءَ جي يادگيري ڏياري ٿو جنهن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1966ع ۾ هالا پراڻا ۾ ٿيو هن مئٽرڪ تائين تعليم هالا پراڻا مان حاصل ڪئي ۽ انٽر جو امتحان هالا نوان مان پاس ڪيو. ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو. عرفان مهدي ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ ادبي سرگرمين جو ڪوڙيو هو. اسڪول واري زماني ۾ تقريري مقابلن، ذهني چٽاڀيٽيءَ جي مقابلن ۽ ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ شوق سان حصو وٺندو هو هن ائين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران "وڪ وڏايو" پبليڪيشن جو بنياد وجهي ڪهاڻين جا ڇهه ڪتاب ڇپرايا. انهن ڪتابن ۾ چورن مٿان مور، ميلاپ، بوندون بس نه ڪن، اهڙو قهر ڪٿي، ورهين جا وڇوڙا ۽ پرچن شال پنهوار شامل آهن. ان بعد هن ڪلا پبليڪيشن جو بنياد وڌو ۽ امرتا پريتم جو هڪ ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هو قوم پرست سياست ۾ تمام گهڻو سرگرم رهيو ۽ قومي پروگرامن جو مشهور ڪمپيئر رهيو. سائين جي ايم سيد جي گهڻو ويجهو رهيو. هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي پريس سيڪريٽري پڻ رهيو. تاريخ 4 آگسٽ 1991ع تي سندس لاش ڪوٽڙي بئراج ويجهو سنڌو درياهه مان هٿ آيو. ڇا اها خودڪشي هئي يا ڪنهن کيس سنڌو درياهه ۾ ڌِڪو ڏئي ڪيرايو هو؟ اهو معمو اڃا تائين حل نه ٿي سگهيو آهي.

مختيار اڄز

عبد الفتاح ميمڻ

عبد الفتاح ميمڻ پنهنجي دور جو نامور وڪيل ۽ سياستدان هو هو 31 جولاءِ 1932ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي شهر پريا ۾ پيدا ٿيو 1957ع ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ نواب شاهه ۾ وڪالت شروع ڪيائين. سندس شمار سنڌ جي نامور وڪيلن ۾ ٿيندو هو. خاص طور تي فوجداري ڪيسن تي عبور حاصل هئس. هن عوامي نيشنل پارٽيءَ جي ميمبر طور پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي ۽ پاڻ انهيءَ پارٽيءَ پاران نوابشاهه ضلعي جو صدر مقرر ٿيو. 1964ع ۾ پاڪستان مسلم ليگ ۽ 1968ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو ڪجهه وقت پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي نواب شاهه جو صدر ۽ سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. 1977ع ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جنرل ضياءُ الحق واري دور ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪيس گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو ويو. عمر جي آخري حصي ۾ سياست ڇڏي ٻيهر وڪالت طرف ڌيان ڏنائين. هن 30 سيپٽمبر 1999ع تي وفات ڪئي.

ڪئي، هن جي پهرين فلم فگلي هئي، جيڪا 2014ع ۾ رليز ٿي. هن 2016ع ۾ مشهور ڪرڪيٽر ايم ايس ڌوني جي زندگيءَ تي ٺهيل فلم ۾ ڌونيءَ جي گهرواريءَ جو ڪردار ادا ڪيو، جنهن ڪيس مقبوليت جي بلندين تي پهچايو. ان بعد هن ڪيترن ئي هندي ۽ تيلگو فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن.

مشتاق احمد گبول

هن نامور تعليمي ماهر جو جنم گهوٽڪي ضلعي جي ڳوٺ پير بخش خان گبول ۾ 2 جولاءِ 1939ع ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلي مان پاس ڪيو. اڳتي هلي ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي جون سنڌون حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي بعد ۾ مختلف هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏنائين. مشتاق احمد گبول تدريس سان گڏ سڄي عمر استاد برادريءَ جي مسئلن حل ڪرائڻ ۽ سندن ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ گذاري. جنرل ايوب خان واري دور ۾ هن اُستادن جي تنظيم آل پاڪستان ٽيچرس يونائيٽيڊ فرنٽ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. هن "ايليمينٽري ڪاليجز ٽيچرس ايسوسيئيشن" جو پڻ بنياد رکيو هن بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ جي "سنڌ پرائمري ايجوڪيشن ڊولپمينٽ پراجيڪٽ" ۾ حصو ورتو ۽ استادن جي وفد سان گڏ انگلينڊ، ملائيشيا ۽ ڪجهه ٻين ملڪن جو دورو ڪيو. هن 31 جولاءِ 1999ع تي وفات ڪئي.

ابراهيم منشي

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي انقلابي شاعر ابراهيم منشيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌ جو هيءُ قومي شاعر 15 جنوري 1934ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ جنهاڻ سومري ۾ ڄائو سندس والد محمد اسحاق به هڪ سٺو شاعر ۽ مولودي هو ابراهيم منشي اڃا ٻارهن سالن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي. گهر جو سمورو بار سندس ڪلهن تي اچي ويو. ان ڪري فقط پنج درجا سنڌي پڙهي سگهيو. 1949ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. ابتدا ۾ هن عام رواجي رومانوي شاعري ڪئي پر 1960ع واري ڏهاڪي ۾ هو سنڌ جو هڪ مهان قومي شاعر بڻجي اڀريو. قومي شاعريءَ ۽ قوم پرستيءَ سبب ڪيس قيد ۽ بند جون تڪليفون به گهارا ڪرڻيون پيون. سندس شاعريءَ جا 6 مجموعا "ڏونئري ڏينهن ڏاڙا"، "ڌرتي ديس ڌرم"، "وڳهه جا ورياهه"، "پيغام مظلوم"، "گونجر ويندا گذري" ۽ "اڪر اڪ" شايع ٿي چڪا آهن. سنڌ ثقافت کاتي پاران شاهه لطيف جي سموري شاعريءَ کي سندس آواز ۾ رڪارڊ ڪيو ويو. ابراهيم منشيءَ 31جولاءِ 2003ع تي وفات ڪئي.

آرتي راج گرناڻي

اڄ هندستان جي هن مشهور ڪلاڪاره جو جنم ڏينهن آهي. هوءَ مشهور شاعر پرسرام ضياءَ جي ڌيءَ ۽ مشهور راڳيءَ ماسٽر چندر جي پوٽي آهي. هوءَ ممبئيءَ ۾ رهي ٿي ۽ سنڌين پاران منعقد ٿيندڙ تقريبن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي ٿي. هن جا ڳايل صوفي ڪلام، گيت، لاڏا ۽ پڇن ڪافي مشهور آهن. هن آمريڪا جي مختلف شهرن ۾ به سنڌي موسيقيءَ ۽ راڳ کي ڪاميابيءَ سان روشناس ڪرايو آهي.

ڪيارا آڏواڻي

هندستاني فلمن جي هن مشهور اداڪاره جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1991ع ۾ هڪ سنڌي هندو خاندان ۾ ٿيو سندس والد جڳديپ آڏواڻي ممبئيءَ جي هڪ مشهور ڪاروباري شخصيت آهي. جڏهن ته سندس ماءُ اسڪاٽش نسل مان آهي. ڪيارا جو اصل نالو عاليه آڏواڻي آهي ۽ هن جئه هند ڪاليج مان گريجوئيشن

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات خوشبو عروج ۔ پلينٽف.بخلاف.. غلام مرتضيٰ ولد غلام نبي سومرو رهاڪو ٽنڊو قيصر روڊ اسٽريٽ نمبر 2/3 ٽنڊو ڄام ضلعو حيدرآباد..ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ اينڊ رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز ۽ ميڊيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اولڻ)
فيملي سوٽ نمبر144 سال 2026
مسمات زخساد ڌيءَ حاجي علي محمد رهاڪو اسٽريٽ نمبر 113 اسٽريٽ نمبر 2 غلام شاهه ڪالوني نزد اکين جي اسپتال حيدرآباد .. پلينٽف.بخلاف.. امجد حسين سهتو ولد شاهنواز سهتو رهاڪو ڪاٽيج C-8 استاد ڪالوني ميمڻ سوسائٽي پوپان ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد ....ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج جي اير II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر35 سال 2026
سونيا ڌيءَ گل حسن ماڇي رهاڪو سولنگي محلہ ڪنڊو حال رهاڪو وارڊ نمبر 12 راهو پاڙو سعيد آباد ضلعو مٽياري .. پلينٽف.بخلاف.. شهمير ماڇي ولد امير رهاڪو هڪوا محلہ اوڊيرولعل اسٽيشن تعلقو ضلعو مٽياري..ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج جي اير II هالا

ڪورٽ نوٽيس
سول/ فيملي جج جي اير MTMC/1 ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر65 سال 2026
مسمات اقرا ڌيءَ عبدالرحيم رهاڪو قاضي اباد شاهي بازارسونار گلي گهرنمبر 340-341 تعلقو ضلع ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف.. شان علي ولد ذڪي بخش ذات لغاري رهاڪو ماروي ڪالوني نزد گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميرپورخاص 03101308472..ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج جي اير MTMC/1 ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج جي اير IIIميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر13 سال 2026
مسمات نصرين ڌيءَ محمد طيب رهاڪو ڳوٺ خان صاحب ڏنو محمد جوڻيجو تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف.. آصف ولد قائم رهاڪو غوثيہ چوڪ وارڊ نمبر 7 دوڙ سٽي ضلعو شهيد بينظير آباد 03012215789..ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ ڊوري آرٽيڪلز مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج جي اير IIIميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر36 سال 2026
شريمتي موهني ڌيءَ پرڪاش ذات لوهار رهاڪو صوفي ڪالوني ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف.. ساجن ولد لال چند عرف لالو ذات لوهار رهاڪو افضل شاهه ڪالوني شهيد بينظير آباد.ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس ۽ ڏيوري جي خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر283 سال 2026
مسمات صنم خاتون ڌيءَ گلشير رهاڪو سوئي گيس سڪگهڙ روڊ نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف.. اخلاق حسين ولد سرهڻ لال رهاڪو چڪ نمبر 10 سهيلو چڪ نمبر 03 تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ مينٽيننس جهيز جي رقم ڊوري رڪوري ميڊيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر98 سال 2026
مسمات گل بانو زال سجاد علي بلوچ رهاڪو ڄام صاحب روڊ نوابشاهه .. اپليڪينٽ.بخلاف.. مسمات جان بيبي زال محمد اڪرم رهاڪو ڄام صاحب روڊ نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپوننٽس
.مئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) اعجاز علي (2) عذير علي (3) بيبي بسما (4) اقرا بانو (5) رب دي مهر جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر108 سال 2026
عبدالحفيظ ولد حاجي ارباب علي مگسي رهاڪو گهر نمبر B-51 گورنيمينٽ هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه .. اپليڪينٽ.بخلاف.. مسمات نوشابہ نفيس زال عبدالحفيظ رهاڪو گهر نمبر B-51 گورنيمينٽ هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ..اپوننٽس
.مئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) بيبي حفظ جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر23 سال 2026
مسمات رضوانہ بيواهه غلام مرتضيٰ رهاڪو مهراڻ ڪالوني سڪرنڊ ٽائون ضلعو شهيد بينظير آباد .. اپليڪينٽ.بخلاف.. جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپوننٽس
.مئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) مسڪان عمر 17 سال (2) عروسہ عمر 15 سال (3) فضا عمر 14 سال (4) آصف عمر 11 سال (5) مريم عمر 5 سال ۽ عرفان علي جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران صاحب)
ايف سي سوٽ نمبر سال 2026
(1) افضال احمد ولد مرحوم صلاح الدين (2) اشفاق ولد مرحوم صلاح الدين (3) ذوالفقار عرف ذولفي ولد مرحوم صلاح الدين (4) آفتاب ولد مرحوم صلاح الدين (5) مسمات نسرين زال ارشد چاچڙ ڌيءَ مرحوم صلاح الدين (6) فواد حسين ولد اعجاز حسين (گود ورتل پٽ اشفاق قريشي) رهاڪو C-129 ميمڻ محلہ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو معرفت اٽارني پلينٽف نمبر 2 کان 6 ۽ پلينٽف نمبر 1 پنهنجو پاڻ .. پلينٽف.بخلاف.. (1) مسمات حنا بيواهه مرحوم اعجاز حسين ذات ٽالپر رهاڪو گهر نمبر 68 ڪريم ٽائون ميرپورخاص (2) مينيجر اين بي پي ڪوٽڙي سٽي (3) ارباب (ايزا آپريشن مينيجر) هائوسنگ اين بي پي حيدرآباد (4) محمد خان بلوچ هائوسنگ اصل آفيسر اين بي پي حيدرآباد (5) مختيارڪار روينيو ڪوٽڙي (6) آفيسر سيڪريٽري اسلام آباد (7) انچارج نادرا ڪوٽڙي (8) مسمات نسيم بيواهه افضال ڌيءَ مرحوم صلاح الدين رهاڪو نزد جينئيس اسڪول حسن وليج مريم گارڊن ڪوٽڙي (9) مسمات ناهيد زال جاويد ڌيءَ مرحوم صلاح الدين رهاڪو فيروز پر عطاءِ چڪي ڪوٽڙي (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، ڪينسليشن آف ليگ هيئرشپ سرٽفڪيٽ، رڪوري آف ليگل شيئر مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست سال 2026
فيملي سوٽ نمبر100 سال 2025
(1)مسمات راحيلہ زال جاويد علي (2) بابا جهانزيب علي (3) بيبي سوميہ (4) بابا شاهزيب علي ذات لنڊ سيريل نمبر 2 ۽4 مائنر معرفت ماءُ راحيلہ رهاڪو نواب ڪالوني بي ايس (اي سيڪشن) ٽنڊو الهيار .. پلينٽف.بخلاف.. جاويد علي ولد محمد ذات لنڊ رهاڪو ڳوٺ غلام حسين لنڊ تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار سيل نمبر 03243037647 پوسٽنگ ايٽ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ شاهه بيگ لنڊ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار...ڊفينڊنٽس
.مئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي ا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مسمات لال خاتون ولد عبدالله پرهياڙ رهاڪو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ناني مسمات فاطمہ ولد عبدالله پرهياڙ تاريخ 02-01-2015 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 197/1 اپراضي حصي موجب ديهه ٻرڇڪي رعيتي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپو هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (بنهي فوتين جا وارث ساڳيا آهن).(1) لال خاتون (ڌي) (2) فوتيهان (ڌي) (3) غلام قادر (پاٽ) (4) عبدالڪريم (پاٽ) (5) صبيحہ (پيڻ) (6) زيب النساء (پيڻ) (7) روبينہ (پيڻ) (8) راج خاتون (ماءُ) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرانائڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۽ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوئ قابل قبول نہ هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار مسمات گوري ولد سومار خان رهاڪو ڳوٺ الهه بخش پرڳڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس ناني سومار خان ولد جاڙو خان تاريخ 26-04-1991 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 284،421،174،405 ۽ ٻيا حصي موجب ديهه بلوري ٽپو ٽنڊو فضل تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپو هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسہ عام بيان ۾ ڏني آهي (بنهي فوتين جا وارث ساڳيا آهن).(1) مسمات گوري (ڌي) (2) عظيم (پٽ) (3) رضا محمد (پٽ) (4) مير حسن (پٽ) (5) مسمات پٺاڻي (ڌي) (6) مسمات ڏاڙن (ڌي) (7) مسمات جادو (ڌي) (8) صدا بخش (پٽ) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبہ جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرانائڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۽ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعوئ قابل قبول نہ هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي شفيع محمد شاهه ولد غلام رسول شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي غلام رسول شاهه ولد علي محمد شاهه جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ٽنو باغيد تپو قائم پور تعلقي بدين سروي نمبر 252_156_130_128 ۽ ٻين مان اپراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ شاهه جو ڪوٽ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو تہ فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي غلام رسول شاهه ولد علي محمد شاهه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 شفيع محمد شاهه پٽ فوتي جو 2 الهڏنو شاهه پٽ فوتي جو 3 مسمات قرآن بي بي زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

روزاني عبرت | 1 | بقايا
ڳڇو پرسان سي آءِ اي پوليس ٺٽو پاران منشيات سان ڀريل ريگو گاڏي جي پيڇو ڪرڻ تي تيز رفتاري دوران فرار ٿيندي ريگو گاڏي شورا موري وٽ سم نالي ۾ اونڌي ٿي پئي سي آءِ اي پوليس جي اهلڪارن سم نالي ۾ ٽپو ڏيئي هڪ شڪي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو سم نالي ۾ ڪلتي ٿيل ريگو گاڏي جي جوابدارن کي پڪڙڻ جي ڪوشش دوران جوابدارن پاران مبينا طور پوليس جوان کي غوطا ڏيئي ٻوڙي شهيد ڪيو ويو جنهن جو لاش ڪڍي سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪيو ويو سندس وارث پهچي سول اسپتال ٺٽو ويا پوليس موقف تي عدم اعتماد ظاهر ڪندي شهيد اهلڪار جي والد الهڏنو جاڪرو ۽ سٽوٽ ذوالفقار علي جاڪرو چيو آهي ته سندن جوان تازو پوليس ۾ ڀرتي ٿيو هو ڪيس مس 2 پگهارون مليون هيون وارثن چيو ته سندن نوجوان اهلڪار ٻڏي فوت نٿو ٿي سگهي ساڻس گڏ ٻين پوليس اهلڪارن کي به جاچ ۾ شامل ڪري معاملي جي گهڻ رخي جاچ ڪرائي وڃي ۽ کين انصاف ڏياريو وڃي شهيد اهلڪار مبين جاڪرو جي والد الهڏنو جاڪرو ڏانهيندي چيو ته اهي ٻهراڙي جا ماڻهو آهن سم نالي جي معمولي پاڻي ۾ سندن جوان پٽ ٻڏي فوت نٿو ٿي سگهي اعلي سطحي جاچ ڪرائي وڃي شهيد اهلڪار جي سٽوٽ ذوالفقار جاڪرو چيو ته پوليس جي غلط منصوبابندي سبب مسلسل ٺٽي ضلعي ۾ پوليس اهلڪار شهيد ٿي رهيا آهن آخر اهو ڪهڙو سبب آهي، معاملي جي جاچ ڪرائي حقيقتون منظرعام تي آنديون وڃن جڏهن ته ذريعن موجب سم نالي ۾ اونڌي ٿيل ريگو گاڏي ۾ گٽڪو مٽيريل ۽ چورو وڏي مقدار ۾ هو پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي ريگو گاڏي کي ڪيدرائڻ ۽ منشيات ٻاهر ڪڍي پوليس موبائل ۾ منتقل ڪئي عيني شاهدن موجب پوليس ريگو ۾ سوار بن شڪي جوابدارن کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي ضلعي جي پوليس توڙي سي آءِ اي انچارج واقعي بابت ميڊيا کي حقيقتون ٻڌائڻ کان انڪاري

روزاني عبرت | 2 | بقايا
شهيد ,منشيات سان ڀريل ريو گاڏي جو ٺٽو جي سي آءِ اي پوليس پيڇو ڪيو جنهن دوران ريو گاڏي سم نالي ۾ ڪلتي ٿي ڪري پئي جنهن دوران پوليس اهلڪار مبين جاڪرو منشيات فروشن سان اڪيلو ته جوابدارن تشدد ڪري ماريواڪين ڏٺن شاهدن موجب پوليس اهلڪار مبين جاڪرو دليري سان منشيات فروشن سان مهاڏو اڪيلو هوڏانهن ٺٽو جي سي آءِ اي پوليس بن منشيات فروش کي گرفتار ڪري ورتو وارثن جي احتجاج بعد پوليس انتظاميہ پاران شهيد اهلڪار جي لاش جي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

روزاني عبرت | 3 | بقايا
پوليس اهلڪار مبين جاڪرو جي شهادت واري واقعي جو نوٽيس ورتو ايس ايس پي ٺٽو کان واقعي بابت رپورٽ طلب ايس ايس پي ٺٽو پاران آءِ جي سنڌ کي اماڻيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته واقعي ۾ ملوث بن منشيات فروشن کي بروقت گرفتار ڪري استعمال ٿيل ويگو گاڏي پوليس تحويل ۾ ورتي وئي آهي آءِ جي کي اماڻيل رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته شهيد اهلڪار مبين جاڪرو جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سم نالي ڪيو ڏٺو جنهن دوران سندس شهادت ٿي آءِ جي سنڌ شهيد اهلڪار مبين جاڪرو کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي سندس وارثن سان همدردي ۽ گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي آءِ جي سنڌ چيو آهي ته پوليس اهلڪار جي شهادت هرگز رائيگان نہ ويندي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي سخت کان سخت سزا ڏيارڻ کي يقيني بڻايو ويندو آءِ جي سنڌ پوليس کي معاملي بابت هر رخ کان جاچ ڪرڻ سميت هٿ آيل گاڏي ۽ مشڪوڪ سامان بابت ڇنڊڇاڻ ڪري رپورٽ ڏيڻ جي پڻ هدايت ڪئي

روزاني عبرت | 4 | بقايا
ڏليدار خان موجب پوليس منشيات فروشن جو پيڇو ڪيو جنهن دوران هي افسوسناڪ واقعو پيش آيو شهيد جوان سندن ڪٽنب جي ميمبر جيان هو هڪ منشيات فروش کي گرفتار ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي

روزاني عبرت | 5 | بقايا
روانيءَ ٿي وئي سندن جي غير سنجيدگي ڏسي اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت لاش جي ڳولها شروع ڪري ڇڏي جنهن ڪري 24 ڪلاڪن کان پوءِ نوجوان جو لاش ٻاڙيڪرپل وٽان گذرندڙ رائيس ڪئنال مان هٿ ڪيو ويو آهي هن لاڙڪاڻي جي انتظاميہ کي اپيل ڪئي ته اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ قلم 144 تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ جوڳا قدم کڻي وڌيڪ قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ کان بچايون وڃن ٻئي طرف ٻڏي فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش گهر نيو ويو جتي گهر پهچڻ تي روڄ راڙو پئجي ويو آهي

روزاني عبرت | 6 | بقايا
مبينا بيوفائي جو ذڪر ڪندي پنهنجي محبوبہ ۽ ڪجهہ مامن کي پنهنجي موت جو ذميوار قرار ڏنوپوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ته نوجوان جي محبوبا جي هڪ ڏينهن اڳ شادي ٿي جنهن سبب دلشڪستو ٿي اهڙو انتهائي قدم کنيو اٿس هوڏانهن لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچل هو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ڳوٺ صاحب خان نظاماڻي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سندس پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

روزاني عبرت | 7 | بقايا
الدين لونگاڻي خاصخيلي پنهنجي معصوم نياڻي جويريہ سان گڏ تعلقہ اسپتال جي عملي جي مبينا لاپرواهي خلاف پريس ڪلب ٽالٽو بولا خان پهچي احتجاج ڪندي انصاف جي گهر ڪئي پوروهيت اسام الدين لونگاڻي خاصخيلي صحافين آڏو داانهيندي الزام هنيو ته سندس نياڻي جويريہ کي تعلقہ اسپتال جي ويڪسينيٽرپاران هڪ ٽڪو هنيو ويو، جنهن بعد نياڻي کي بخار ٿي پيو سندس چوڻ موجب ٻئي ڏينهن بخار جي علاج لاءِ ڊاڪٽر وٽ وٺي پهتس ته اتي موجود هڪ ٻئي ويڪسينيٽر مبينا طور ٻيهر ٽڪو هنيو جنهن ڪانپو نياڻي مسلسل بيمار رهڻ لڳي پوروهيت جو چوڻ هو ته هن ڪيترائي ڀيرا اسپتال جي عملي کي آگاهہ ڪيو ته ٽڪي ڪانپو سندس نياڻي جي طبيعت ٺيڪ نٿي رهي پر سندس شڪايت تي اسپتال عملي پاران توجهہ نہ ڏنو ويو بعد ۾ هن پنهنجي نياڻي جو علاج حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي سان ڪرايو پر هاڻي سندس نياڻي هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي وئي آهي ۽ سندس ٻنهي ٽنگن ۾ ڪمزوري پيدا ٿي وئي آهي اسام الدين لونگاڻي خاصخيلي الزام هنيو ته علاج دوران اسپتال جي عملي طرفان مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب سندس نياڻي جي صحت سخت متاثر ٿي ۽ هوءَ مبينا طور معذوري جو شڪار ٿي وئي آهي هن چيو ته هو غريب پوروهيت آهي ۽ پنهنجي نياڻي جي وڌيڪ علاج جا خرچ برداشت ڪرڻ جي سگهہ نٿو رکي هن اعليٰ اختيارين صحت کاتي جي لاڳاپيل عملدارن ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي نياڻي جي طبي معائني لاءِ ماهر ڊاڪٽرن جو بورڊ جوڙيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي طرف تعلقہ اسپتال ٽالٽو بولا خان جي ايم ايس ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار جو چوڻ آهي ته اهو معاملو ڪجهہ وقت اڳ به سندس نوٽيس ۾ آيو هو هن ٻڌايو ته متاثر نياڻي بابت لاڳاپيل ويڪسينيٽر ۽ اي پي آءِ انچارج کان معلومات وٺي معاملي جو جائزو ورتو ويو هو ۽ وارث کي بن ڏينهن ڪانپو ٻيهر اچڻ لاءِ چيو ويو هو پر اهو شخص واپس نہ آيو ايم ايس ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار موجب اڄ ٻيهر ڏانهن ٿيڻ بعد سپتالي ڊاڪٽرن تي ٻڌل بورڊ جوڙيو ويندو جيڪو معصوم جويريہ جي طبي حالت جو جائزو وٺندو ۽ علاج بابت تفصيلي رپورٽ تيار ڪندو هن چيو ته جاچ دوران جيڪڏهن ڪنهن عملي جي غفلت يا ذميواري ثابت ٿي ته لاڳاپيل ذميوار خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

روزاني عبرت | 8 | بقايا
مزاحمت ڪرڻ تي ڌاڙيلن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب نوجوان غلام حيدر گولو سخت زخمي ٿي پيو ڌاڙيل موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سول اسپتال سهولتون نہ هئڻ ڪري سکر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي هڪ پاسي ڌاڙيلن جي گرفتارين ۽ سرينڊر جاري آهن ته ٻئي طرف پاسي ڦرين جون وارداتون عوام ۾ خوف ۽ بيچيني پيدا ڪري رهيون آهن

روزاني عبرت | 9 | بقايا
فريادي عبدالرحمان آرائين سان ٿيل جعلسازي ڪيس نمبر 93/2025 ۾ موري جي اڳوڻن اسسٽنٽ ڪمشنرن ڊاڪٽر مدثر شاهه احسان □ يوسفزئي، شيراز لغاري ، اڳوڻن مختيارڪارن قربان ميراڻي، حفيظ □ ميمڻ ،سپروائيزرن زاهد ، منظور ڪورائي، تپيدار دين محمد سولنگي ۽ علي عابد عرف عابد علي، محمد شفيق، اختر علي، اصغر علي، زاهد حسين اظهر علي، راحيل عابد، احتشام عابد، تنوير احمد، نويد احمد، بلال زاهد ۽ ٻين جا گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪندي کين 10 آگسٽ 2026 ع تي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ياد رهي ته جوابدارن علي عابد ۽ ٻين روينيو رهزن سان ملي ڀڳت ڪري فريادي جي ڏاڏي جي 2000 چورس فٽ زمين پنهنجي نالي ۽ بعد ۾ جعلسازي کي لڪائڻ لاءِ پنهنجي وارثن جي نالي منتقل ڪري ڇڏي هئي. تنهن ڪري نيب ۽ ايف آءِ اي کي گهرجي ته موري جي مختيار ڪار آفيس ۾ ڪيترن ئي سالن کان ٿيندڙ ڦر لٽ جعلسازي ۽ ميگا ڪرپشن خلاف سخت جاچ ڪئي وڃي ۽ جاچ دوران روينيو مختيار ڪارن ۽ تپيدارن سپروائيزرن ۽ عملي جي نوڪرين ڪرڻ کان پوءِ سندن گڏ ڪيل ناجائز اثاثن ۽ ملڪيتن جي جاچ پڙتال ڪئي ويندي ته حقيقتون سامهون اچي رهنديون

روزاني عبرت | 10 | بقايا
اسد الله ڪلمتي همراح ظهور احمد عظيم موليبوڪو ٻين پريس ڪلب ميرپور ساڪري ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي شهر ميرپور ساڪري ۾ لائيبريري ڪونهي جنهن ڪري سوين شاگرد مقابلي جي امتحان جي تياري لاءِ ٻين شهرن ڏانهن ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن ،نوجوانن کي هن وقت هڪ معياري لائيبريري جي ضرورت آهي ،تعليم جي واڌاري لاءِ شهر ۾ لائيبريري جي نوجوانن کي سخت ضرورت آهي ،هن جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ به اسان کي لائيبريري جي سهولت ميسر ڪونهي . هنن چيو ته شهر ميرپور ساڪري ۾ 2013 ۾ ان وقت جي سنڌ جي ثقافت جي وزير سسئي پليجو ڊيبل پبلڪ لائيبريري جي تعمير لاءِ عمارت جي پيڙهه جو پٿر رکيو ، جنهن کي 13 سال گذري چُڪا آهن ڊيبل پبلڪ لائيبريري جي ڊي سي به اکيٿ چيو آهي اسان اعليٰ اختيارين حڪومت سنڌ، وزير ثقافت سنڌ ، وزير تعليم سنڌ ، ۽ ٺٽي جي چونڊيل نمائندن ايم پي اي ۽ ايم اين اي کان مطالبو ڪيو ته ڪرين ٿو شهر ميرپور ساڪري ۾ منظور ڪيل ڊيبل پبلڪ لائبريري جي عمارت جي تعمير جو ڪم مڪمل ڪرائي هتان جي شاگردن ۽ مطالعي سان چاهه رکندڙن کي لائيبريري جي سهولت مهيا ڪئي وڃي

روزاني عبرت | 11 | بقايا
احتجاج دوران سخت نعريبازي ڪندي اڳواڻن ڊاڪٽر ميهر چند، ظريت بجاراڻي - غلام مصطفيٰ ميراڻي - لياقت علي ڪوسو- عزيز سومرو- شاهنواز سرهڪو-اصغر شيخ ۽ ٻين چيو ته ڪنڌڪوٽ گرم ترين شهر آهي جتي روزانو 40 گرمي پد کان مٿي هوندو آهي انهي ڪري عوام سخت گرمي ۾ آزار هيٺ گذاري ٿا سيپڪو انتظاميا جي نااهلي سبب روزانو 15 کان 18 ڪلاڪ بجلي بند رهي ٿي شهر جي ڪيترن پاڙن ۾ ٽرانسفارمر سڙيل آهن جنهن ڪري عوام مڪمل عذاب هيٺ آهي اسين احتجاج ذريعي وفاقي حڪومت، وفاقي وزير سيپڪو چيف ۽ وس وارن کان مطالبو آهي ته فوري ڪنڌڪوٽ سيپڪو انتظاميا جي نااهلي جو نوٽيس شهر ۾ بجلي بحال ڪئي وڃي

روزاني عبرت | 12 | بقايا
واقعو هاڻي ڳجهارت بڻجي ويو آهي، سوشل ميڊيا تي تيزي سان هن واقعي تي بحث هلندڙ آهي ته نياڻي شمائلا راهيوڪو کي سندس والد قتل ڪيو آهي، هن خودڪشي نہ ڪئي آهي. هوڏانهن شمائلا راهيوڪو ڪيس جي حوالي سان هي به انڪشاف ٿيو آهي ته سوشل ميڊيا تي وائرل تصوير شمائلا جي نہ آهي، ڪنهن ٻي ناري جي آهي. فيس بوڪ تي سونيا سومرو جو پنهنجو بيان سامهون آيو آهي ته منهنجي تصوير کي شمائلا راهيوڪو سان منسوب ڪيو ويو آهي. آئون ڪنهن به وڏيري جي ڌي ناهيان خبرون پيون هلن ته سون کي قتل ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته ڀاڻ سيدآباد جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ بلاولپور جي نياڻي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي وئي هئي، جنهن جو سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ سيوهڻ سان پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو آهي،مگر ابتدائي رپورٽ ۾ ظاهر نہ ڪئي وئي آهي. جنهن ڪري نوجوان ناري جي فوت ٿيڻ واري معاملي تي سوشل ميڊيا ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. ٻڌايو وڃي ٿو ته شمائلا راهيوڪو ڪيس ۾ ضلعي ڄامشوري جي خيرپوريو پوليس تي الزام آيو آهي ته پوليس پنهنجي نگراني ۾ ناري جي تدفين ڪرائي آهي سجاڳ ڌرين پاران پوليس تي مدد ۽ سهولتڪاري جو الزام آهي. هوڏانهن ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق ڌاريجو معاملي جو نوٽيس وٺندي چيو آهي ته جيڪڏهن واقعو قتل ثابت ٿيو ته جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. ٻئي طرف سوشل ميڊيا تي ناري شمائلا راهيوڪو جا هينئر تائين 2 وڊيوز سامهون آيا آهن هڪ ۾ هوءَ ڪمري اندر پاڻ تي فائر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ته ٻي وڊيو ۾ هوءَ رت ۾ لت پت پٽ تي پيل نظر اچي رهي آهي ۽ رات جو وقت آهي. وڌيڪ پوليس واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪندي گهرڀاتين جا بيان رڪارڊ ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ سجاڳ ڌرين جو مطالبو آهي ته هڪ نياڻي جو واقعو آپگهات آهي يا قتل ان جي شفاف جاچ ڪري حقيقتون منظرعام تي آنديون وڃن ۽ قانون مطابق هن معاملي کي حل ڪيو وڃي

روزاني عبرت | 13 | بقايا
جي پي فائنل پيمينٽ جا بل پاس ٿيل پيل آهن ۾ رشوت ڪانسواءِ پيرول نٿا هلايا وڃن ۽ بيواهه عورتون ۽ انهن جا ٻچڙا فاڪاڪشي تي ويٺل آهن ڪيڏا خيرپور ضلعي جي پينشنرن سان ناانصافي آهي اهڙو اظهار ضلعي جي صدر فقير شفيع محمد سولنگي ميڊيا وارن کي ۽ اعلي اختيارين کي نوٽس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي ته خيرپور ضلعي جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر خيرپور مسٽر غلام سرور چاچڙ کي فلفور هٽائي خيرپور جي پينشنرن کي بچايو وڃي ۽ پيرول وقت سر هلايو وڃي ته جيئن پينشنر بيواهه عورتن ۽ رٽائرڊ ملازمن کي رليف ملي ۽ بيچيني ختم ڪئي وڃي

روزاني عبرت | 14 | بقايا
۽انساني حقن جي سيل جي اڳوڻي انچارج ماريا ساريو ۽ 14 ڪڌڙن فقيرن جي عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي عدالت جوابدارن کي 50-50 هزار رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت ڏيندي پوليس کي ايندڙ ٻڌڻي تائين کين گرفتار نہ ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ٻڌڻي دوران ماريا ساريو ۽ ڪيس ۾ نامزد ڪڌڙا فقير پنهنجي وڪيلن معرفت عدالت ۾ پيش ٿيا. جڏهن ته پوليس طرفان ڊي ايس پي سي آءِ اي عنايت قريشي، مظهر سومرو ۽ ٻيا آفيسر پڻ عدالت ۾ حاضر ٿيا عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي انساني حقن جي سيل جي اڳوڻي انچارج ماريا ساريو چيو ته ڪيس ۾ دهشتگردي جا قلم لاڳو ٿيڻ جو ڪو جواز ناهي ۽ مٿن ڪوڙا قلم شامل ڪيا ويا آهن جنهن تي کين افسوس ٿيو آهي هن چيو ته هوءِ ڪنزيومر ڪورٽ جي فيصلي کي اعليٰ فورم تي چيلينج ڪندي ٻئي طرف ڪيس ۾ نامزد ڪڌڙن فقيرن الزام هنيو ته ماريا ساريو ئي کين احتجاج ۽ ٻين معاملن تي اڪسايو هو ڪڌڙن فقيرن جو چوڻ هو ته سندن ڪو به ڏوهہ ناهي ۽ سڄي صورتحال جي ذميوار ماريا ساريو آهي

روزاني عبرت | 15 | بقايا
سونا زيور ۽ روڪ رقم واپس نہ ڪرائي ڏيڻ ۽ سندس والد سوناري محمد يوسف ميمڻ کي گرفتار نہ ڪرڻ واري عمل خلاف صراف يونين جيڪب آباد جي سڏ تي سونارن پاران پنهنجا ڪاروباري مرڪز بند ڪري مڪمل طور شٽربند هڙتال ڪئي وئي جنهن بعد صراف يونين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري صراف چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ صراف يونين جي صدر حاجي سميع الله سرهيو محمد امين پٺاڻ غلام رسول پٽي دليپ ڪمار سڪيش ڪمار علي نواز سرهيو محمد علي محمد حيات سومرو ۽ ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سوناري محمد عمر ميمڻ فراڊ ڪري ڪروڙين رپين جو سون کڻي فرار ٿي ويو جنهن مٿان 3 ڪيس به داخل ٿيل آهن جنهن کي پوليس ڪجهہ ڏينهن اڳ گرفتار ڪري ورتو آهي پر پوليس ان کان سون واپس ناهي ڪرائي سگهي ۽ نہ ئي ان جي سهولتڪار والد محمد يوسف ميمڻ کي گرفتار ڪري رهي آهي هنن مطالبو ڪندي چيو ته گرفتار ٿيل عمر ميمڻ کان سون واپس ڪرائي ڏنو وڃي ۽ سندس سهولتڪار والد يوسف ميمڻ کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

روزاني عبرت | 16 | بقايا
سهڪار سان تعمير ڪيل بن جديد جنرل وارڊن ۽ هڪ اسٽور روم جو افتتاح ڪيو تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي، لاڳاپيل کاتن جا آفيسر ۽ ٻيا معزز مهمان پڻ شريڪ هئا ميڊيا سان ڳالهائيندي صوبائي وزير چيو ته اسپتال ۾ جديد سهولتن جي فراهمي سان علائقي جي عوام کي معياري صحت جون سهولتون ملنديون ۽ اسپتال جي ڪارڪردگي ۾ به نمايان بهتري ايندي هن چيو ته موسمياتي تبديلي سبب هڪ پاسي پاڻي جي شديد کوٽ ۽ ٻئي پاسي ٻوڏ جهڙين حالتن پيدا ٿي رهيون آهن جنهن سان زراعت سخت متاثر ٿي رهي آهي سندس چوڻ هو ته خانپور مهر جي سردار ڳوٺ واري علائقي ۾ موجود سندس زرعي زمين به پاڻي جي کوٽ سبب متاثر آهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن خلاف جاري احتجاج بابت سوال جي جواب ۾ سردار محمد بخش خان مهر چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جيڪو به فيصلو ڪندي، اهو عوامي مفاد ۾ هوندو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ پارٽي سڄي ملڪ ۾ عوام جي خدمت ڪري رهي آهي تحصيل اسپتال خانپور مهر جي انتظام بابت سوال تي صوبائي وزير چيو ته اسپتال جو انتظام ان اداري حوالي ڪيو ويندو جيڪو ان کي بهتر نموني هلائڻ جي صلاحيت رکي ٿو هن چيو ته جيڪڏهن پي پي ايچ آءِ پنهنجي ڪارڪردگي ثابت ڪئي آهي ته اسپتال کي به پي پي ايچ آءِ حوالي ڪرڻ بابت غور ڪري سگهجي ٿو

روزاني عبرت | 17 | بقايا
ڊيم ۽ ڪينال قبول ناهي جيڪڏهن پنجاب پنهنجي هوڏ تان نہ لٿو ته سڄي سنڌ سراپاءِ احتجاج بڻجي ويندي، هن چيو ته معصوم پريا ڪماري اجالا سولنگي سميت سنڌ مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي بازياب ڪرائي سنڌ مان لاقانونيت ,بدامني جو خاتمو ڪيو وڃي سنڌ مان افغانين سميت سمورن غير قانوني پرڏيهي ماڻهن کي نيڪالي ڏني وڃي سنڌ مان منشيات جو مڪمل خاتمو ڪيو وڃي هن چيو ته ضلعي ڄامشوري ۾ هڪ معمولي اڳوڻو وڏو منشي پنهنجي سرپرستي ۾ سرعام منشيات هلائي رهيو آهي جيڪو سڀني ادارن کان پاڻ کي طاقتور ٿو سمجهي، چئي ٿو ته ضلعي ڄامشوري جي پوليس جا ٿاڻا هلن ٿي منهنجي ڏنل هفتيوار پيسن تي ٿا، هن کي ڪير بہ چوڻ وارو ناهي، جنهن سبب منشيات جو سرعام وڪرو جاري آهي، نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي. هن چيو ته منشيات فروش ڀلي ڪيترو بہ طاقتور ور هجي ان جي خلاف ڪارروائي ڪري منشيات جو خاتمو ڪيو وڃي، ٻئي طرف جسقم جي احتجاج ۾ جسقم ڪارڪن سميت رهواسين پڻ ڀرپور نمونئ شرڪت ڪئي

روزاني عبرت | 18 | بقايا
فرار ٿي ويا جڏهن ته واقعي بعد پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پر علائقي ۾ خوف ۽ بيچيني برقرار آهي متاثر سيلز مينن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته اسان غريب محنت ڪش مزدور آهيون روزگار لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرون ٿا پر ڏينهن ڏٺي جو ڦر ٿيڻ پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سوال آهي پوليس فوري ڪارروائي ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪري ٻئي طرف شهرين وڌندڙ ڦرلٽ ۽ چورين جي وارداتن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن ڏوهارين خلاف سخت ۽ اثرائتي ڪارروائي نہ ڪئي وئي ته شهر ۾ امن امان جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جو خدشو آهي شهرين ايس ايس پي ڪشمور سميت لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

روزاني عبرت | 19 | بقايا
محبت راڄپر کي مبينہ طور تي موت مارو سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون مليون جي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان فوري نوٽس وٺڻ, واقعي جي غيرجانبدارانہ جاچ ڪرائڻ ۽ ذميوار جوابدار خلاف سخت قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

روزاني عبرت | 20 | بقايا
سمنڊ جو ڪارو پاڻي اسان جون زمينون ڳڙڪائي رهيو آهي اسان سمجهون ٿا ته پنجاب سنڌ جو پاڻي روڪي سنڌ جي زمينن کي بنجر بنائڻ چاهي ٿو پ پ سرڪار بہ ڪئنالن واري معاملي تي پاڻي پاڻيوار بڻيل آهي پر هاڻ پاڻي خاطر جهيڙو آهي جسقم نہ صرف مزمت پر مزاحمت پڻ ڪندي هن چيو ته پريا ڪماري ۽ اجالا سولنگي سميت ڪيترائي ٻار گم آهن مسلسل احتجاجن باوجود بازياب ناهن ٿي سگهيا هتي ڪنهن سردار جو پٽ اغوا ٿئي ٿو ته ٻہ ڪلاڪ ۾ بازياب ٿي ٿو وڃي باقي سنڌ جون نياڻيون پنجن سالن کان گم آهن پر سنڌ سرڪار کين بازياب ڪرائڻ ۾ ڪوبہ ڪردار ادا نہ ڪري رهي آهي ملڪ اندر مهنگائي ايتري تہ وڌي وئي آهي جو غريب ماڻهو بن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهي مسلسل پيٽرول ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ حڪومت جي ناڪام پاليسين جو نتيجو آهي هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو ڪنهن صورت ۾ قبول ناهي اسان کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي پريا ڪماري سميت گم ٿيل ٻارن کي بازياب ڪرائي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ملڪ ۾ وڌندڙ مهنگائي تي فوري طور ضابطو آندو وڃي ٻي صورت ۾ جسقم پاران احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

روزاني عبرت | 21 | بقايا
ڇهن نون ڪينالن جي منصوبي سبب سنڌ جي زرعي زمينن ۽ پاڻي جي حقن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي.- جسقم اڳواڻن الزام هنيو ته حڪومت نون صوبا ٺاهڻ جي رٿابندي ذريعي سنڌ کي ورهائڻ چاهي ٿي.- جنهن کي هو ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪندا هنن چيو ته جيئي سنڌ قومي محاذ هميشہ سنڌ جي حقن ۽ وسيلن لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ اهڙن منصوبن خلاف جمهوري ۽ آئيني جدوجهد جاري رکندي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سنڌ جي پاڻي زمين ۽ وسيلن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ جا ماڻهو ان کي برداشت نہ ڪندا ۽ پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ پرامن جدوجهد جاري رکندا

روزاني عبرت | 22 | بقايا
۽ بارڙو معشوق شامل آهنبهريو حادثو ڪنڌيارو کان پرياسڪي طرف ايندي تيز رفتار ٽرالر جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان وارث ۽ سندس ڀيڻ بجل خاتون منگريو زخمي ٿي پيا پرياسڪي پوليس ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو موٽرسائيڪل سوار پوليس اهڪار ڪنڌيارو کان نوشهرو فيروز ڊيوٽي تي وڃي رهيا هئا ته پرياسڪي باءِ پاس پرسان رڪشا سان ٽڪر لڳڻ سبب پيش آيو جنهن سبب ٻہ پوليس اهڪار زخمي ٿي پيا

روزاني عبرت | 23 | بقايا
وئي جڏهن ته ڪافي دير بعد علائقي واسين ۽ وارثن پنهنجي مدد پاڻ لاش جي ڳولا ڪرڻ بعد لاش هٿ آيو جڏهن ته معصوم نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا .

روزاني عبرت | 24 | بقايا
احتجاج شديد نعريبازي، پيپلزپارٽي هميشہ سنڌ ڪارڊ کيڏي سنڌ جو سودو ڪيو آهي . جسقم اڳواڻ جسقم ضلع مٽياري پاران جلال پور ڪئنال ۽ پريا ڪماري سميت سنڌ مان اغوا ٿيل معصوم نياڻين جي بازيابي لاءِ ضلعي اڳواڻن ذوالفقار ڏيٿو ، شهزاد سنڌي سجيل سالاريو ، مظهر انڙ . اقبال ڏيٿو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سٽي پريس ڪلب مٽياري آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

روزاني عبرت | 25 | بقايا
احتجاجي مظاهرو ڪندي اعليٰ اختيارين، ايس ايس پي سکر ۽ آءِ جي سنڌ پوليس کان نوٽيس وٺي پنهنجي ۽ پنهنجي ڌيءَ جي جان جي تحفظ لاءِ مدد جي اپيل ڪئي آهي

روزاني عبرت | 26 | بقايا
ڪري چڪي فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ هڪ جٽو نوجوان محمد يوسف جاگيراڻي قتل ٿي ويو جڏهن ته فائرنگ ٿيڻ سبب 5 دوڪانن جا مالڪ رضوان علي . سوهل

ذوالفقار جواد پٽي معصوم ٻارڙي رضيہ سخت زخمي ٿي پيا ۽ هٿيار بند فرار ٿي ويا اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمين کي پيرڳوٺ اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي.

روزاني عبرت | 27 | بقايا
مان آيل نالپوارن سگهڙن اديبن شاعرن ۽ ثقافتي شخصيتن شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن ۾ سگهڙ گهرام جتوئي محمد حسن چهواڻ عاجز رحمت الله لاشاري، علي گل پٽي معروف شس مور ملاح قاضي بدر ۽ ٻيا پڻ شامل هئا ان موقعي تي صوفي فائونڊيشن پاران لطيف جي راڳائي فقير غلام حيدر نظاماڻي جي سوانح حيات تي مشتمل ڪتاب جي مهورت پڻ ڪئي وئي، جنهن کي شرڪت ڪندڙن وڏي ساراهہ سان نوازيو تقريب کي خطاب ڪندي صوفي فائونڊيشن پاڪستان جي مرڪزي چيئرمين فقير علي ڏنو خان نظاماڻي چيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو فڪر محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت جو پيغام ڏئي ٿو جنهن کي عام ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته صوفي فائونڊيشن سنڌ جي صوفي روايتن، لوڪ ادب، راڳ ۽ ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ واڌاري لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون ادبي ۽ ثقافتي ڪچهريون نہ رڳو لطيف جي فڪر ۽ پيغام کي عام ڪن ٿيون پر نئين نسل کي پنهنجي ٻولي، ادب ۽ ثقافت سان پڻ ڳنڍين ٿيون تقريب جي پڄاڻي تي نالپوارن فنڪارن صوفي ڪلام پيش ڪري محفل کي روح پرور بڻائي ڇڏيو جنهن کي شرڪت ڪندڙن ڀرپور داد ڏنو

روزاني عبرت | 28 | بقايا
بار احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ بہ سخت قدم ناهي کنيو ويو هنن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ سرعام ڪيميڪل مان ٺهيل زهر نما کير جو وڪرو ڪيترن سالن کان جاري آهي جيڪو ٻهراڙين جي ڳوٺن ۾ تيار ڪري ڪڪڙ شهر جي مختلف هوٽلن ۽ دڪانن تي سرعام وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب هوٽلن تي ڪيميڪل زهر مان ٺهيل کير جي چانهہ ۽ دڪانن تان ساڳيو صحت لاءِ هاڃيڪار کير پيئڻ لاءِ ملي ٿو جيڪو گهرن ۾ ٻار توڙي وڏا ماڻهون پيئن ٿا هنن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ صحت لاءِ مضر نقصان ڏيندڙ ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جو وڪرو هلي رهيو آهي جنهن ۾ اٽو، گيهہ، مرچ، داليو مصالا، بسڪيٽ جوس ۽ ٻيون شيون شامل آهن جيڪي وڪرو ٿي رهيون آهن جڏهن ته ضلع انتظاميا ۽ فوڊ اٿارٽي جي خاموشي سبب شهري وڏي مصيبت طرف ڌڪجي رهيا آهن جن جو مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو وڌي ويو آهي جنهن ۾ جگر بڪيون، معدي جي تڪليف ۽ ٻيون بيماريون شامل آهن احتجاج ڪندڙ شهرين ڊي سي دادو، فوڊ اٿارٽي دادو، اسسٽنٽ ڪمشنر کي اپيل ڪئي ۽ ٻين اعلي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ڪڪڙ شهر ۾ ڪيميڪل کير جو ڪاروبار ڪندڙ مافيا ۽ ملاوٽي مدي خارج شيون وڪرو ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

روزاني عبرت | 29 | بقايا
فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته ٻه ٻار زير علاج آهن ۽ 30 ٻارن کي صحتياب ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجن گهرن ڏانهن موڪليو ويو آهي

روزاني عبرت | 30 | بقايا
دان چڪتاڻ تيز ڪهرياڻي برادري جي هٿياربندن پاران ڳوٺ تي فائرنگ بعد بنهي ڌرين جي ماڻهن وچ ۾ جديد هٿيارن سان فائرنگ اهڙي اطلاع بعد ايس ايس پي شڪارپور مختلف ٿاڻن جي پوليس ساڻ ڪري ايسو ڪهرياڻي جتوئي خلاف ڊرون ذريعي آپريشن ڪيو آپريشن ۾ پوليس پاران ڊرون ذريعي مارٽر گولا فائر ڪيا ويا جنهن جي نتيجي ۾ ايسو ڪهرياڻي جتوئي جو پاٽيجو معراج ولد بيگو ڪهرياڻي جتوئي موقعي تي مارجي ويو ,واقعي کان پوءِ بنهي ڌرين ۾ چڪتاڻ وڌي وئي آهي

روزاني عبرت | 31 | بقايا
فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ هو زخمي ٿي پيو جڏهن ته شيراز احمد عباسي کي پستول جي بٽ سان تشدد جو نشانو بڻايو ويو ذريعن موجب، نامعلوم هٿياربند جوابدار رات جو پڪولا چوڪ ريچهو وارادات ڪري رهيا هئا ته مزاحمت تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ محمد احمد عباسي گولين لڳڻ سان زخمي ٿي پيو جڏهن ته شيراز احمد عباسي کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو واقعي کان پوءِ جوابدار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي ويون ۽ بنهي زخمين کي فوري طور تي ضياءُ الدين اسپتال منتقل ڪيو جتي انهن کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي پوليس واقعي واري هنڌ تان ثبوت گڏ ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي پر اڃ تائين ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي آهي ٻئي طرف، واقعي کان پوءِ سکر جي واپاري برادري ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانئيل آهي. واپارين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ ڦرلٽ، چوري ۽ فائرنگ جي وڌندڙ واقعن سبب ڪاروباري برادري غير محفوظ آهي انهن مطالبو ڪيو ته ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتي ۽ فيصلائتي ڪارروائي ڪئي وڃي، شهر ۾ پوليس گشت وڌايو وڃي ۽ واپارين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي. شهري حلقن پڻ وڌندڙ بدامني تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي ۽ سوال اٿاريو آهي ته آخر سکر ۾ واپارين ۽ عام شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت جي ذميواري ڪير کڻندو؟ ماڻهن مطالبو ڪيو آهي ته اعليٰ اختيارين ڏوهن کي روڪڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن شهري بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجو ڪاروبار ۽ روزاني سرگرميون جاري رکي سگهن

روزاني عبرت | 32 | بقايا
۾ شاگرديائين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج ۾ شريڪ شاگرد مطالبن جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪندا رهيا

روزاني عبرت | 33 | بقايا
جو ڏڙو جو رهواسي هو ڊيوٽي مڪمل ڪري گهر واپس وڃي رهيو هو ته اسپتال آڏو دريائي هوٽل پرسان هٿياربندن مٿس اوچتو فائرنگ ڪري ڏني .

ميرٽ جي لحاظ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ مبينا ڪرپشن، سفارش ۽ اقرباپروري خلاف، ۽ ايس پي ايس سي جي گيٽ سامهون ميرٽ جي بحالي لاءِ جاري ڌرڻي ۾ ويٺل نوجوانن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ اسلام ڪوٽ پريس ڪلب آڏو آزاد اسدالله هنگورجي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ اشرف سمون نارائڻ ڀيل اياز گل داداڻي اعجاز بلوچ، ذوالفقار بجير اوپايو جوڻيجو قربان سميجو سميت شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي انهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايس پي ايس سي جي گيٽ سامهون ميرٽ جي بحالي لاءِ جاري ڌرڻي ۾ ويٺل نوجوانن سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريلي ڪڍي وئي آهي، اسان جو مطالبو آهي ته ميرٽ جي بحالي، شفاف ڀرتين، ايس پي ايس سي ۾ سڌارن سي سي اي 2024 جا نتيجا رد ڪري امتحان ٻيهر وٺڻ، چيئرمين ۽ ميمبرن کان استعيفائن ۽ مبينا ڪرپشن خلاف آواز اٿاريندڙ شاگردن تي داخل ڪيل ايف آءِ آر ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

روزاني عبرت | 35 | بقايا
ڪڍيو ويو جنهن کي تعلقہ اسپتال ٺل آندو ويو ڊاڪٽرن چيڪ اپ ڪندي نينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي،اهڙي خبر پوڻ تي نينگر جي گهر ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو.

روزاني عبرت | 36 | بقايا
حصو ۽ قانونسازي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.ان ڏس ۾ پريس ڪلب اسلام ڪوٽ جي هال ۾ ٿر ڪول جي متاثرين ڳوٺاڻن سول سوسائٽي نوجوانن وڪيلن صحافين ۽ سماجي اڳواڻن جي گڏيل مشاورتي ويهڪ ٿي

روزاني عبرت | 37 | بقايا
روڊ حادثي ۾ راحيل شهزادي، سيف الرحمان فيضان آصف ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا مختلف ڌرين جي دوران زخمي، سرهي عزيز يعقوب ۽ عادل کي اسپتال آندو ويو

روزاني عبرت | 38 | بقايا
آهي . جسقم اڳواڻ جسقم ضلع مٽياري پاران جلال پور ڪئنال ۽ پريا ڪماري سميت سنڌ مان اغوا ٿيل معصوم نياڻين جي بازيابي لاءِ ضلعي اڳواڻن ذوالفقار ڏيٿو ، شهزاد سنڌي سجيل سالاريو ، مظهر انڙ . اقبال ڏيٿو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سٽي پريس ڪلب مٽياري آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

روزاني عبرت | 39 | بقايا
واجبات پڻ وصول ڪيا ويا. تفصيل موجب، سيپڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر اعجاز احمد چنا، سپرنٽينڊنگ انجنيئر (ايس اي) عبدالحق سيال ۽ ايگزيڪيوٽو سکر سٽي خليل چانڊيو جي خاص هدايتن تي، سب ڊويزن ون جي حدن، ڪلاڪ ٽاور جي چوڌاري، ڪکر محلا ۽ ٻين علائقن ۾ بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرز خلاف هڪ خاص آپريشن ڪيو ويو آپريشن جي اڳواڻي ايس ڊي او سب ڊويزن ون رمضان اصغر ملڪ ڪئي، جڏهن ته شجاع گهمرو نثار احمد لاکو هارون سيال ساجد آرائين ۽ ٻيا آفيسر ٽيڪنيڪل اسٽاف ان سان گڏ شرڪت ڪئي. آپريشن دوران سنڌ رينجرز جا اهلڪار پڻ موجود هئا ۽ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سيڪيورٽي جا فرض ادا ڪيا. ڪريڪ ڊائون دوران بجلي چوري ۾ ملوث ڪيترائي غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا، جڏهن ته بجلي جا واجبات ادا نہ ڪندڙ صارفين خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي وئي ان موقعي تي مختلف ڊيفالٽرز کان لکين رپيا وصول ڪيا ويا، جڏهن ته ڪجهہ صارفين کي فوري طور تي پنهنجا بقايا جمع ڪرائڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ڊي او سب ڊويزن ون رمضان اصغر ملڪ چيو ته بجلي چوري نہ رڳو قومي خزاني کي نقصان پهچائي ٿي پر ايماندار صارفين تي اضافي بار بہ وجهي ٿي. تنهن ڪري بجلي چورن ۽ ڊيفالٽرن خلاف بي رحم ڪارروائي جاري رهندي هن چيو ته سيپڪو صارفين پنهنجا بجلي جا بل ۽ بقايا وقت تي ادا ڪن ۽ يقيني بڻائين ته بجلي صرف قانوني طور تي استعمال ٿئي. هن وڌيڪ خبردار ڪيو ته بجلي چوري يا بقايا جي عدم ادائيگي جي صورت ۾ قانون مطابق سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن بہ فرد يا اداري سان ڪا بہ رعايت نہ ڪئي ويندي سيپڪو عملدارن جو چوڻ آهي ته بجلي جي ورڇ واري نظام کي بهتر بڻائڻ، لائن نقصان گهٽائڻ ۽ وصولي جي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مستقبل ۾ بہ اهڙيون خاص ڪارروائيون باقاعدگي سان جاري رهنديون

روزاني عبرت | 40 | بقايا
مبارڪ - جانن - ڊولڻ امام بخش - غلام مرتضيٰ - رضا محمد - گل بيگ - ممتاز ۽ حنيف شامل آهن پوليس ترجمان مطابق سرينڊر ٿيندڙ ڏوهارين قتل - اغوا - ڀتا خوري - ڦرلٽ سميت مختلف ڪيسن ۾ گهربل آهن ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جو چوڻ آهي ته آپريشن نجات مهراڻ جي پاليسي تي عمل ڪندڙ ڏوهي دنيا کي هميشا خير آباد ڪري سڪون سان زندگي گذارڻ سگهن ٿا باقي جيڪي ڏوهاري قانون جي رٽ کي چيلينج ڪندا هنن جو انجام ۽ حشر برو ٿيندو جنهن خلاف سخت ڪارروايون ڪيون وينديون .

روزاني عبرت | 41 | بقايا
پوليس موقعي تي پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيواسپتال ۾ ضروري قانوني ڪارروائي پوسٽ مارٽم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويوجڏهن ته نينگري جي والد شاهد شيخ موجب سندس ڌيءَ جو ذهني توازن درست نہ هو ۽ هوءِ اڪثر پنهنجي ڀينرن سان جهڳڙو ڪندي رهندي هئي سندس دعوئ آهي ته نينگري پاڻ کي گولي هڻي زندگي جو انت آندو.ٻئي طرف پوليس ذريعن موجب واقعي جي مختلف پهلوئن کان جاچ شروع ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جاچ مڪمل ٿيڻ بعد ئي واقعي جي اصل حقيقت سامهون اچي سگهندي

روزاني عبرت | 42 | بقايا
سولنگي ۽ ٻين اغوا ٿي ويل نياڻين جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو وياحتجاجي ريلي جي اڳواڻي پيو ذوالفقار پرڳڙي، شاهه فهد، شاهه زيب پٽي ۽ ٻين ڪارڪنن ڪئي احتجاجي مظاهري دوران ڪارڪنن جي هٿن ٻينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي هئا جلالپور ڪئنال اڏڻ خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي ريلي کي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن کي بند ڪيون وڃي ۽ ناجائز ڪئنال اڏي سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻيو پيو وڃي جيڪو اسانکي منظور نہ آهي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون بنجر بنجي ويون آهن وڏو نقصان ٿيو آهي هنن چيو تہ غيرقانوني طور ڪيڊيل ڪئنال بند ڪيا وڃن ۽ سنڌ جي نياڻي پريا ڪماري سميت سنڌ جون ڪيترئين ئي نياڻين کي اغوا ڪري گم ڪيون ويون آهن انهن کي بازياب ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ جسقم طرفان پوري سنڌ ۾ تحريڪ هلائي ويندي

روزاني عبرت | 43 | بقايا
پي لاڙڪاڻو پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب گرفتار ڏوهاري ڪراچي، دادو ۽ لاڙڪاڻي جي مختلف ٿاڻن جي اندر رهزني ۽ دهشتگردي ايڪٽ جهڙن سنگين نوعيت جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث ۽ پوليس کي انتهائي گهربل آهي

روزاني عبرت | 44 | بقايا
ڪيون ويون جتي پوليس ڪارروائي دوران گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي موجب گرفتار جوابدارن ۾ رحمان جسڪاڻي علي رضا ملاح ۽ انيس مهر شامل آهن ايس ايس پي موجب گرفتار جوابدارن خلاف خيرپور ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي قتل ڌاڙا چورين ۽ ٻين سنگين ڏوهن جا ڪيترائي ڪيس داخل آهن ايس ايس پي امير سعود مگسي وڌيڪ چيو ته ضلعي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهارين خلاف بنا وقفي جي ڪارروايون جاري رهنديون

روزاني عبرت | 45 | بقايا
آفيسر آهي جنهن جي مقرري سان حيدرآباد بورڊ جون حالتون بهتر ٿينديون ۽ آپڪا سنڌ ڪيس پنهنجي مڪمل حمايت جو يقين ڏياري ٿي.

روزاني عبرت | 46 | بقايا
۾ هڪ نئون موڙ اچي ويو آهي جتي پوليس ۽ ساڳئي واقعي تي خاندان پاران متضاد دعوائن ڪرڻ کان پوءِ معاملو سواليہ نشان بڻجي ويو آهي سکر پوليس گذريل رات دعوي ڪئي هئي ته شهريار عرف شيري بندهائي کي پوليس مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس موجب، جوابدار ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو ۽ آپريشن دوران کيس حراست ۾ ورتو ويو جڏهن ته ان حوالي سان وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي ٻئي طرف، نيو ڳوٺ جي عورتن اڄ سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪيو ۽ پوليس جي موقف کي رد ڪيو مظاهرين جو چوڻ هو ته شهريار عرف شيري بندهائي ۽ محراب نالي نوجوان کي پوليس ٻہ ڏينهن اڳ حراست ۾ ورتو هو تنهن ڪري پوليس مقابلي جو دعوئ حقيقتن جي خلاف آهي احتجاج ۾ حصو وٺندڙ عورتن خدشو ظاهر ڪيو ته محراب کي بہ مبينا پوليس مقابلي ۾ ڊيکاري سگهجي ٿو انهن مطالبو ڪيو ته محراب کي فوري طور تي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي سندس حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ سڄي معاملي جي غير جانبدار شفاف ۽ اعليٰ سطحي جاچ ڪئي وڃي ته جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين عدليہ ۽ لاڳاپيل انساني حقن جي ادارن کي بہ اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري طور تي نوٽيس وٺن ۽ انصاف جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن بہ ڌر قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ته ان خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي طرف، سکر پوليس پنهنجي موقف تي قائم آهي ته شهريار عرف شيري بندهائي هڪ گهربل جوابدار هو جنهن کي پوليس مقابلي دوران گرفتار ڪيو ويو هو جڏهن ته پوليس طرفان اڃا تائين خاندان جي دعوائن تي ڪو بہ سرڪاري جواب نہ آيو آهي تہ ٻنهي ماڻهن کي ٻہ ڏينهن اڳ حراست ۾ ورتو ويو هو متضاد دعوائن کان پوءِ اهو معاملو وڌيڪ حساس ٿي ويو آهي جڏهن تہ شهري حلقن جو چوڻ آهي ته صرف هڪ شفاف جاچ ئي اصل حقيقتون ظاهر ڪري سگهي ٿي ۽ اهو عوام جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي اعتماد بہ برقرار رکندو

روزاني عبرت | 47 | بقايا
بن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن تان 70 سال پيرسن محرم راڄپر مبينا طور ڏنبا هڻي قتل ڪيو پرياسڪي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل وٺي پوسٽ مارٽم لاش وارثن حوالي ڪيوويوپيرسن جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ ڪهرام برپا ٿي ويو.واقعي جا جوابدار گرفتار نہ ٿي سگهيا، مقتول جي ڀاءُ ذوالفقار راڄپر ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڻي جي واري تان عمر راڄپر مريد راڄپر رانجهي راڄپر ۽ ڊرڪاڻي راڄپر منهنجي 70 سالہ ڀاءُ کي ڏنبا مکون ۽ ڌڪا ڏئي تشدد جو نشانو بنائڻ بعد قتل ڪيو آهي.اسان سان ننڍين ڳالهين تي هو هروقت ظلم ڪندا رهندا هيا اڄ پيرسن کي قتل ڪيو اٿن هن چيو ته خدارا ڀاءُ جا قاتل گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.جڏهن ته ٻئي پاسي پوسٽ مارٽم ڪندڙ ڊاڪٽر عثمان جوڻيجو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته پيرسن کي ظاهري طور ڌڪ جو نشان موجود ناهي جزا وٺي ليبارٽري موڪليا آهن رپورٽ اچڻ بعد موت جو ڪارڻ معلوم ٿي سگهندو

سائنس اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ
تصحيح
بد سيڪيورٽي جي درستگي
پراجيڪٽ عنوان "ڊولپمينٽ، مئنيجمينٽ، ٽيڪنيڪل سپورٽ ۽ آپريشن آف ڊي اي-دفتر" لاءِ هارڊويئر جي خريداري
(هارڊويئر جي مرڪزي پروڪيورمينٽ)
ٽينڊر نوٽيس نمبر INF-KRY/3112/26 براءِ پراجيڪٽ عنوان "ڊولپمينٽ، مئنيجمينٽ، ٽيڪنيڪل سپورٽ ۽ آپريشن آف ڊي اي-دفتر" لاءِ هارڊويئر جي خريداريءَ جو حوالو ڏنو وڃي ٿو. جيڪو روزاني عبرت، نوائي وقت ۽ دي نيشن ۾ 24 جولاءِ 2026 تي شائع ٿيو هو.
سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي رول 37(1) تحت، ٻڌايو وڃي ٿو ته بد سيڪيورٽي هڪ مقرر رقم هوندي ۽ اها پروڪيورمينٽ جي تخميني قيمت جي 2.5% کان وڌيڪ نہ هوندي. انهيءَ جي مطابق، نوٽيس انوائيٽنگ ٽينڊر (NIT) ۽ بد/ٽينڊر دستاويزن ۾ بد سيڪيورٽي واري شق کي هيٺين ريت پڙهيو وڃي:
i. ڪوٽ ڪيل بد جي قيمت جي 2.5% جي بدران، ڪل تخميني لاڳت جو 2.5% يعني -/2,125,000 روپيا (جيڪو 85.00 ملين روپين جي ڪل تخميني لاڳت تي حساب ڪيو ويو آهي) بطور بد سيڪيورٽي جمع ڪرايو ويندو.
ii. واڪ ڊينڊ بد سيڪيورٽي ڊپازٽ ايٽ ڪال (CDR)، پي آرڊر، ڊمانڊ ڊرافٽ، يا پاڪستان جي ڪنهن بہ شيڊولڊ بئنڪ جي جاري ڪيل بئنڪ گارنٽي (يا ڪنهن پرڏيهي بئنڪ جي اهڙي بئنڪ گارنٽي جيڪا پاڪستان جي شيڊولڊ بئنڪ مان ڪائونٽر گارنٽي ٿيل هجي) جي صورت ۾ سيڪشن آفيسر (G)، سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالوجي ڪاتي جي نالي جمع ڪرائيندا. بد سيڪيورٽي اُچ جي ڪارآمدي مدي کان پوءِ وڌيڪ 28 ڏينهن تائين فعال رهندي.
ٽينڊر/واڪ دستاويزن جو تصحيح نامو هيٺين ويب سائيٽن تان بہ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو:
- www.sindh.gov.pk
- https://portalsindh.eprocure.gov.pk
- www.istd.sindh.gov.pk

ٽينڊر جا باقي سڀ شرط ۽ ضابطا بغير تبديل جي برقرار رهندا.
سيڪشن آفيسر (جنرل)
سائنس اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ
پهرين منزل، بلڊنگ نمبر 6، شاهراهہ ڪمال اتاترڪ، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪراچي.
فون: 021-99213811 | يو آر ايل: www.istd.gov.pk
i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF-KRY/3212/26

No.XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-M&R-320/2026-27/12
حڪومت سنڌ
ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز کاتو
پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ ۽ امپليمينٽيشن سيل
رومي قبرستان، گرڊ اسٽيشن نزد ناردرن باءِ پاس، ڪراچي
ڪراچي بتاريخ: 28 جولاءِ 2026
نوٽيس
عنوان:
ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT) جي منسوخي.
ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس (NIT) جنهن جو حوالو نمبر XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-M&R/2025-26/320، بتاريخ 29 اپريل 2026 (ايس پي پي آر اي e-PADS آئي ڊي: (EPADS-S-26050781400-408)، جيڪو اشتهار نمبر INF-KRY No. 1677/26 تحت بزنس ريڪارڊر ۾ 30-04-2026 تي، روزاني ڪاوش ۾ 01-05-2026 تي، روزاني ايڪسپريس ۾ 01-05-2026 تي، روزاني عبرت ۾ 01-05-2026 تي، ۽ روزاني آس ۾ 01-05-2026 تي شايع ٿيو هو، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي رول 25 تحت هن ذريعي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.
(ايگزيڪيوٽو انجنيئر)
پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ ۽ امپليمينٽيشن سيل
INF-KRY/3238/2026
i WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ٹنل پولیس اہلکار جی شہادت وارہ ماہور وارثن جو جانچ پر بین اہلکارن کی شامل کڑے جو مطالبہ

گنجو پسان ریگر گائی سر نالی ء کالی اہلکار سین جاکرو جی فوتگی واری معاملی تی وارثن پولیس موقف رد کری چڈیو

پھراڑتی جا ماٹھیر اہیون سر نالی جی معمولی پائی ء جوان پٹ بڈی فوت تھرو تی سگھیی: والدہ

ضلعی ء پولیس اہلکار شہید ٹی رہیا آھن معاملی جی جاچ کرائی حقیقتون منظرعام تی آندیون وچن

اہلکار جی وارثن معاملی جی شناخت جا سطالبہ کندی خدشہ ظاھر کری چڈیو: خصوصی موجب ٹنل کیو

بقایا نمبر 1 ڈسمبر صفحہ 5

قبل ریگر گائی جی جوابداری جی گرفتاری جی کاوش کری پوچھ گچھ کندی وچن

ٹنل لگ منشیات فروش ھتان پولیس اہلکار میبن جاکرو جی شہادت ہڈ انکشاف

گنجو وچھو منشیات سان پیل روپو گائی جی پوچھ گچھ کندی اہلکار جوابداری سان مہاکار انکوار

اکیون ٹنی شادیون موجب اہلکار کی نشدد کری ہڑی مارپو ویو، وارثن جی احتجاج جاء جاچ تیز

سی آپی او پولیس ہن منشیات فروش کی گرفتار کری وش اہلکار جی ٹانی ہو پرت مارئن ڈیندو

ٹنل لگ منشیات فروش ھتان پولیس اہلکار میبن جاکرو جی شہادت ہڈ انکشاف

گنجو وچھو منشیات سان پیل روپو گائی جی پوچھ گچھ کندی اہلکار جوابداری سان مہاکار انکوار

اکیون ٹنی شادیون موجب اہلکار کی نشدد کری ہڑی مارپو ویو، وارثن جی احتجاج جاء جاچ تیز

ٹنل لگ تعاملی اسپتال عملی جی میبنا لاپرواہی سبب معصوم نیائی ھلن قرڑ کان لاچار، احتجاج

ٹنل لگ تعاملی اسپتال عملی جی میبنا لاپرواہی سبب معصوم نیائی ھلن قرڑ کان لاچار، احتجاج

کنڈکٹر لگ نوجوان کان مزتراسیکل ڈر جی کرشش، مزاحمت تی زخمی

کنڈکٹر لگ نوجوان کان مزتراسیکل ڈر جی کرشش، مزاحمت تی زخمی

ٹنل لگ 5 سالن جو ہار راند کھیڈندی وام کرٹی ہڈی ٹوٹ

ٹنل لگ 5 سالن جو ہار راند کھیڈندی وام کرٹی ہڈی ٹوٹ

اسلام کوٹ پر ایس پی ایس جی خلاف احتجاجی ریلی

اسلام کوٹ پر ایس پی ایس جی خلاف احتجاجی ریلی

سند پبلک سروس کمیشن ء سفارش ء اقربا پروری خلاف کری سندھا اندر وچن: مظاہرین

سند پبلک سروس کمیشن ء سفارش ء اقربا پروری خلاف کری سندھا اندر وچن: مظاہرین

چک لگ کھوڑا ء کھریائی جنوئی برادری پر چھیڑن ہوون حملی ء ہک جٹو مارچی ویو

چک لگ کھوڑا ء کھریائی جنوئی برادری پر چھیڑن ہوون حملی ء ہک جٹو مارچی ویو

کچی واری علاقتی ء منظلی معاملی تائن ڈرین ہکھتی مقان جدید ہتھیاران سان فائرنگ شروع کری ڈنی

کچی واری علاقتی ء منظلی معاملی تائن ڈرین ہکھتی مقان جدید ہتھیاران سان فائرنگ شروع کری ڈنی

ایس ایس پی نشکاہور مختلف تائن جی پولیس ساڑ کیو کھریائی جنوئی خلاف ہوون ڈریعی ایریشن کیو

ایس ایس پی نشکاہور مختلف تائن جی پولیس ساڑ کیو کھریائی جنوئی خلاف ہوون ڈریعی ایریشن کیو

آپریشن جی نتیجے ء پر ایسو کھریائی جنوئی جو پاٹھیو معراج ولد بیگو کھریائی جنوئی مارچی ویو

آپریشن جی نتیجے ء پر ایسو کھریائی جنوئی جو پاٹھیو معراج ولد بیگو کھریائی جنوئی مارچی ویو

برادیٔ جی ہن ڈین رچ ء منظلی معاملی بقایا نمبر 30 ڈسمبر صفحہ 5

گرٹ غلام نبی کھلہڑو ء محمد اسماعیل عرف ایسو کھریائی جنوئی

گرٹ غلام نبی کھلہڑو ء محمد اسماعیل عرف ایسو کھریائی جنوئی

سکر جی واپاڑی کی ھتیاریندن ڈر مزاحمت تان گولی ھٹی زخمی کری چڈیو، اسپتال داخل

سکر جی واپاڑی کی ھتیاریندن ڈر مزاحمت تان گولی ھٹی زخمی کری چڈیو، اسپتال داخل

سکر (بیورو رپورٹ) سکر شہر ء ان جی آس پاس ء رہندڑ بدماسی ء ڈہن جی واقعن شہریین خلاف ظور تی کارروایڑی ہڑاریو ء سخت خوف ء ہراس پیدا کری چڈیو، ایس پی شہر جی مصروف کارروایڑی عاقتی چوکڑ ء رات ڈیر سار ھیاریت ناڑیلی ڈر جی کوشش دوران ھکیئی جی واپاڑی محمد احمد عباسی تی بقایا نمبر 31 ڈسمبر صفحہ 5

سکر (بیورو رپورٹ) لاکاڑا شہر جی کنڈا جی ٹانی ہو پرت مارئن ڈیندو سجل کاکڑی واسی نوجوان غلام قادر پتہ کریر علی شیر گذریل ڈیہن چاندھا پل واری عاقتی راتیین کنڈا ء رھنجو دوران وارثن طرفان پنھنجے مدد پاڑ تحت شہر پرسان مازیگر پل رشان گذرندڑ راتیین

لاکاڑائی جی راتیین کنڈا ء رھنجو دوران ہڈ ٹوٹ

سجل کاکڑی واسی نوجوان غلام قادر پتہ کریر علی شیر گذریل ڈیہن چاندھا پل واری عاقتی راتیین کنڈا ء رھنجو دوران وارثن طرفان پنھنجے مدد پاڑ تحت شہر پرسان مازیگر پل رشان گذرندڑ راتیین

پولیس منشیات فروش جو پیچھو کیو جنھن دوران پی آسیوسائٹ واقعو پیش آیو، انجارج

پولیس منشیات فروش جو پیچھو کیو جنھن دوران پی آسیوسائٹ واقعو پیش آیو، انجارج

تلوسی ایم ایی پولیس ڈنو جی انجارج بقایا نمبر 2 ڈسمبر صفحہ 5

شہادتپور لگ نوجوان عشق ء ناکامی تی پائي کی گولی ھٹی چڈي

شہادتپور لگ نوجوان عشق ء ناکامی تی پائي کی گولی ھٹی چڈي

شہادتپور: عشق ء ناکامی تی آپکیات کنڈا نوجوان جی فائیل فوٹو ء سندس ذکیل نیائپر

ٹنل لگ ڈاکوؤں جی ھتیاریندن گولیون ھٹی قتل کری چڈیو